Follow us on: daily pak karachi

ABC CERTIFIED

سنڌ جي مظلوم ۽ محکوم عوام جي ترجمان

روزاني پاڪ

ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 | اڳاروا 21 جنوري 2025ع بمطابق 20 رجب المرجب 1446ھ | قيمت 20 رپيا | شمارو: 068

حڪومت 9 مئي سانحي تي جڊيشل ڪميشن ناهڻ کان انڪار ڪري چڏيو

حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي پي ٽي آءِ جي مطالبن جا جواب تيار ڪري ورتا، حڪومتي ڳالهين واري ٽيم تحريڪ انصاف جي مطالبن تي شق وار جواب تيار ڪيا آهن:ذريعا

9 مئي جي واقعن تي جوڊيشل ڪميشن نٿو بڻجي سگهي، جڊيشل ڪميشن اهڙن معاملن ۾ بڻجندو آهي جيڪو عدالت ۾ بحث هيٺ نه اچن:جواب

26 نومبر بابت گم ٿيل ماڻهن جي فهرست ۽ گرفتار ماڻهن جا نالا تفصيل نه ملڻ تائين انهن کي آزاد ڪرڻ جي لاءِ ڪيئن قدم کڻي سگهجي ٿو

حڪومتي ڪميٽي ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي پنهنجا لکت جا جواب پيش ڪندي، اسپيڪر اجلاس گهرائڻ جو فيصلو ڪندو

اسلام آباد: (م ڊ) حڪومت پاڪستان تحريڪ انصاف جي مطالبي تي 9 مئي سانحي تي جوڊيشل ڪميشن ناهڻ کان انڪار ڪري چڏيو آهي. ذريعن موجب حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي پي ٽي آءِ جي مطالبن جا /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

اسلام باد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

پوليس پاران بازياب ڪرايل صحافي سوڌو چار رڪنا عدالت ۾ پيش، فياض سولنگي بيان تان ڦري ويو

پوليس مظهر سولنگي، شاهه دوست جعفري، حنيف سولنگي ۽ فياض سولنگي کي سول جج راڻيپور ايٽ سوپوديرو وٽ پيش ڪيو

پوليس پريشر ڏئي اهڙو بيان ڏياريو ويو:صحافي فياض سولنگي جو عدالت اڳيان روئيندي بيان

پوليس عدالت کي 14 ڏهاڙن جي رمانڊ جي اپيل ڪئي، عدالت فياض جو ٽن ڏهاڙن جو رمانڊ منظور ڪيو

راڻيپور(رپورٽ) هنگورجا جو صحافي اغوا بعد ڊرامائي انداز ۾ بازياب ٿيل فياض سولنگي سميت چئن جڻن مظهر سولنگي، شاهه دوست جعفري، حنيف سولنگي کي سول جج محمد عظيم /ڏسو صفحو 3 بقايا 14 جوڊيشنل مئجسٽريٽ سوپوديرو ايٽ راڻيپور

سينيٽ مان پارليامينٽ ميمبرن جي پگهارن ۽ الائونسز بابت ترميمي بل منظور

بل سينيٽر دنيش ڪمار پيش ڪيو، حڪومت بل جي مخالفت نه ڪئي

بل جو مقصد پارليامينٽ کي پنهنجي ميمبرن جي مالي معاملن بابت خود مختيار بڻائڻ آهي

اسلام آباد (م ڊ) سينيٽ اجلاس دوران پارليامينٽ ميمبرن جي پگهارن ۽ الائونسز بابت ترميمي بل 2025 منظور ڪيو ويو /ڏسو صفحو 3 بقايا 33 سينيٽر دنيش

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 26 هين آئيني ترميم خلاف درخواست تي ٻڌڻي

عدالت وفاقي حڪومت سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري چڏيو

جج پاران اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ۽ ٻين جي درخواستن کي گڏ ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

سپريم ڪورٽ ۾ آئيني بينچز ۽ ريگولر بينچز جي اختيارن جي معاملي تي ٻڌڻي ٿي

ايڊيشنل رجسٽرار جوڊيشل کي توهين عدالت جي تحت شوڪاز نوٽيس جاري

مان ڪميٽي جو ميمبر آهيان پر مون کي به ججز ڪميٽي جي اجلاس جي خبر نه پئي: جج منصور علي شاهه

اسان جي سامهون ڪيسز ٻڌڻي لاءِ مقرر هئا، پوري هفتي جا اسان جي سامهون فڪس ڪيس تبديل ٿي ويا:جج عائشه ملڪ

اسلام آباد: (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي سينئر جج جسٽس منصور علي شاهه چيو آهي ته مان ڪميٽي جو ميمبر آهيان پر مون کي به ججز ڪميٽي جي اجلاس جي خبر نه پئجي سگهي. سپريم ڪورٽ ۾ آئيني بينچز ۽ ريگولر بينچز/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

ڊونلڊ ٽرمپ ٻيو پيرو سُپر پاور تي حڪمراني جو حلف کڻي ورتو، بائيڊن حڪومت تي سخت تنقيد

واشنگٽن (م ڊ) ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪي جي 47 هين صدر جي حيثيت ۾ قسم کڻي ورتو آمريڪي چيف جسٽس جان رابرٽس صدر ٽرمپ پي ٽي ڪٽايو. صدر جي ڊي سان گڏ پنهنجي عهدي واشنگٽن ڊي سي ۾ ڪري 40 سالن کانپوءِ سخت سيءَ جي قسم کڻائڻ واري تقريب ڊور ۾ ٿي. ڊونلڊ ٽرمپ جي قسم کڻندي ئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

پرڏيهي وزارت نوان سفيرن جي مقرري جي سمري وزيراعظم اماٿي چڏي

اسلام آباد: (م ڊ) پرڏيهي وزارت مختلف ملڪن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي پي ٽي آءِ جي مطالبن جا جواب تيار ڪري ورتا، حڪومتي ڳالهين واري ٽيم تحريڪ انصاف جي مطالبن تي شق وار جواب تيار ڪيا آهن:ذريعا

9 مئي جي واقعن تي جوڊيشل ڪميشن نٿو بڻجي سگهي، جڊيشل ڪميشن اهڙن معاملن ۾ بڻجندو آهي جيڪو عدالت ۾ بحث هيٺ نه اچن:جواب

26 نومبر بابت گم ٿيل ماڻهن جي فهرست ۽ گرفتار ماڻهن جا نالا تفصيل نه ملڻ تائين انهن کي آزاد ڪرڻ جي لاءِ ڪيئن قدم کڻي سگهجي ٿو

حڪومتي ڪميٽي ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي پنهنجا لکت جا جواب پيش ڪندي، اسپيڪر اجلاس گهرائڻ جو فيصلو ڪندو

حج تياري ۾ لاپرواهي برداشت جوڳي ناهي، سهولتون يقيني بڻايون وڃن: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ حج 2025ع جي تيارين جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو

حج 2025 ۾ حاجي سڳورن جي لاءِ هر قسم جي مدد ۽ سهولت يقيني بنائي وڃي: هدايت

حج 2025 جي تيارين جي حوالي سان جامع بريفنگ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پيش ڪئي وڃي

اسلام آباد:(م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته حج 2025 جي تياري ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي قبول نه ڪئي ويندي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ حج 2025 جي تيارين جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

ڊاڪٽر شاهنواز ڪنير ڪيس: 19 جوابدارن تي فرد جُرم لاڳو

ميرپور خاص جي دهشتگردي واري عدالت ۾ ڊاڪٽر شاهنواز ڪنير جي لاش کي ساڙڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عمرڪوٽ پوليس، پوليس کان لاش ڦري بي حرمتي ڪرڻ ۽ ساڙڻ جي الزام هيٺ آيل 18 جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو

مولوي احمد شاهاڻي، مولوي رياض پنهور ۽ ٻين تي فرد جرم مڙهيو، جوابدارن ڏوهه باسڻ کان انڪار ڪيو، ٻڌڻي 7 فيبروري تائين ملتوي

ميرپورخاص:(رپورٽ: گل محمد سولنگي) ڊاڪٽر شاهنواز ڪنير جي لاش کي ساڙڻ واري ڪيس جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 39

مراد علي شاهه پاران ڪورنگي ۾ مختلف اسڪولن جو دورو، سهولتن جو جائزو ورتو

پنتي پيل علائقن جي ٻارن جي تعليم جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻبا: وڏو وزير

سيف سان لاڳاپيل اسڪولن جي باقاعدي معائني کي يقيني بڻايو وڃي: انتظاميا کي هدايت

تعليمي ادارن، پوليس ٿاڻن، روينيو آفيسن ۽ ٻين عوامي سهولتن جو جائزو وٺي رهيو آهيان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي جي پنتي پيل علائقن ۾ ٻارن کي جديد ڊجيٽل لرننگ سسٽم ذريعي معياري تعليم ڏيڻ لاءِ حڪومت سان/ڏسو صفحو 3 بقايا 40

مخالفن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته پنجاب ۾ ترقي ڪيئن ٿي رهي آهي:مريم نواز

ڊيرا غازي خان: (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

اقتداري ايوانن ۾ دين جا بند دروازا کولڻ چاهيون ٿا: جماعت اسلامي

عالم سڳورا منبر ۽ محراب ذريعي اقامت دين جي جدوجهد کي تيز ڪن: امير العظيم

ديني مدارس ۽ انهن مان فارغ ٿيندڙ طالب پوري امت جا محسن آهن

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر)جماعت اسلامي پاڪستان/ڏسو صفحو 3 بقايا 42

حيدرآباد ۾ جماعت اسلامي جي وفد جي ايس ٽي پي چيئرمين سان ملاقات، 26 جنوري تي ٿيندڙ سيمينار ۾ شرڪت جي دعوت

سنڌو درياءِ تي ڪئنال ناهڻ صوبي واسين لاءِ موت جو پروانو آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌين جي مرضي ڪانسواءِ سنڌو درياءِ تي ڪئنال ناهڻ وارو منصوبو نه صرف عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهي

معاهدي مطابق سنڌ کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي جنهن ڪري سنڌو درياءِ ۾ ڪوٽڙي کان هيٺ واري پئي اڏامي

حيدرآباد (بيورو) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي سان سندس رهائشگاه تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 43

نصير آباد ۾ عوامي ورڪرز پارٽي جي سڏ تي ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سينگار نواري جي اڳواڻي ۾ نواري پاڙي کان پريس ڪلب تائين رستن تي اچي ويا

غير آئيني 6 ڪئنال ڪڍي سنڌ کي بنجر بڻايو پيو وڃي، معيشت تباهه ٿي ويندي: سينگار نواري

درياهه تي ڏاڙو هڻڻ جي اجازت ڪنهن کي نه ڏينداسين، ڀرپور نموني سان جدوجهد ڪئي ويندي: خطاب

نصيرآباد: عوامي ورڪرز پارٽي پاران پاڻي تي ڏاڙي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نصيرآباد.(رپورٽ آعظم تڳڙ) عوامي ورڪرز پارٽي جي مرڪزي سڏ تي نصيرآباد ۾ به صوبائي /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

اطلاعات کاتي ۾ ايڪريڊيٽيشن ڪارڊ جاري ڪرڻ واري تقريب، ڊي جي اطلاعات محمد سليم خان ۽ ٻين جي شرڪت

ڪراچي،(اسٽاف رپورٽر)سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي طرفان صحافين لاءِ سال 2025 جي ايڪريڊيٽيشن ڪارڊن جي جاري ڪرڻ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

مهر ۽ گهمرا تڪرار جو جرڳو ٻنهي ڌرين تي به ڪروڙ ڏنڊ

باگڙجي ۾ پنج سئو رپيا نه ڏيڻ تان مهر ۽ گهمرا برادري ۾ هلندڙ تڪرار جو فيصلو شڪارپور ضلعي چيئرمين اظهر ڪماريو جي سربڪچي ۾ ٿيو

ڳالهيون ٻڌڻ بعد جرڳي ۾ ٻنهي ڌرين تي 7 قتلن جو الزام ثابت، جن ۾ مهر برادري جا به ماڻهو، هڪ بروهي راهگير ۽ گهمرا برادري جا چار ماڻهو شامل

مهر برادري تي هڪ ڪروڙ 25 لک ۽ گهمرا برادري تي 75 لک رپيا ڏنڊ وڌو ويو، هڪبئي خلاف داخل ڪيس واپس وٺڻ جي به فتويٰ ٻڌائي وئي

سڪر (رپورٽ: شڪيل عاجز) 500 رپيا نه ڏيڻ تان سڪر جي علاقي باگڙجي ۾ مهر ۽ گهمرا برادري جي وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو فيصلو چيئرمين /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

ملير: خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو مڙهه اسپتال ۾ پيل آهي

ملير لڳ نوجوان جو گهر مان ڦاهو ڪاڏل لاش هٿ

اطلاع تي پوليس حسن پنهور ڳوٺ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان جي سڃاڻپ حسنين پٽ غلام شبير جي نالي سان ٿي

ملير (ڊ ر) حسن پنهور ڳوٺ جي گهر مان نوجوان جو ڦاهو لڳل لاش هٿ، لاش اسپتال منتقل، خبر موجب: شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي حد حسن/ڏسو صفحو 3 بقايا 47

قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران سجي سنڌ ۾ رسول بخش پليجو جي سالگرهه جون تقريبون

رسول بخش پليجو سنڌ ۽ مظلوم عوام جي حق جو سپهه سالار هو: ايازلطيف

ڪراچي ۾ مظهر راهوجو، حيدرآباد ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي صدر زينت سمون، شڪارپور ۾ زاهد گهلو سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو

عمرڪوٽ، مني، بدين، ٽنڊو الهيار ڊگهڙي، ڪنڌڪوٽ، لاڙڪاڻو، ميهڙ، وارهه، ٽل، سڪرنڊ، مورو ۽ ٻين شهرن ۾ تقريبون ٿيون، ڪيڪ ڪاٽيا ويا

حيدرآباد(بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراه ايازلطيف پليجو جي سڏ تي عظيم مفڪر رسول بخش پليجو جي 95هين /ڏسو صفحو 3 بقايا 48

ماٽيلي ۾ گهوٽڪي ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن بابت گڏجاڻي

عبدالباري پتافي کي ترقياتي ڪمن جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي

تيل ۽ گئس سوشل ڊولپمينٽ ڪاميٽي جي چيئرمين گمس ايم ايس سان به ملايو

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) گمبٽ ۾ عبدالباري خان پتافي چيئرمين آئل اينڊ گيس سوشل ڊولپمينٽ ڪاميٽي جي ڊاڪٽر رحيم بخش پتي/ڏسو صفحو 3 بقايا 51

ڏهرڪي: ب پ اڳواڻ عبدالباري پتافي گمس جي ايم ايس سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪڙ پرسان ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، عورت فوت، مڙس زخمي

ترڙي جادو شهيد لنڪ روڊ تي حادثي ۾ شاهدان چانڊيو فوت ٿي وئي

زخمي اعجاز چانڊيو اسپتال منتقل، صحت سنڌرندڙ ٻڌائي وڃي ٿي

ڪڙ (ن پاڪ)ڪڙ حادثو، ٻن موٽر سائيڪلن وچ ٽڪر، زال فوت، مڙس زخمي ڪڙ ويجهو ترڙي جادو شهيد لنڪ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

ڏاڀيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي جو بريڪ ڊائون، ٻه لائنون متاثر

اطلاع تي واٽر ڪارپوريشن جا عملدار موقعي تي پهتا، متاثر لائينن جو معائنو

لائن نمبر 5 جو ڪر ايندڙ 24 ڪلاڪن ۽ لائن نمبر 1 جو ڪر 4 ڏينهن ۾ مڪمل ٿيندو:ترجمان

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر)ڪي اليڪٽرڪ پاران ڏاڀيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي جي اوچتي وڏي بريڪ ڊائون سبب واٽر ڪارپوريشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

پاڻي ڏاڙي ۾ وزيراعظم ۽ صدر سهولتڪار آهن: ايس ٽي پي چيئرمين

عوام سنڌ ۽ سنڌي قوم کي ميسارڻ وارا اهڙا منصوبا قبول نه ڪندو

جدوجهد ذريعي حڪمرانن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪنداسين

رڪن ٻرڙا (رپورٽ غلام شبير لغاري) ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي مرڪزي قيادت سان گڏ پريس ڪلب رڪن ٻرڙا پهچي پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

سنڌ حڪومت ترجمان پاران اين آءِ سي ايچ جي مختلف شعبن جو دورو

حڪومت صحت شعبي ۾ بهترين قدم کنيا آهن: ايم عبدالله بلوچ

مريضن جو وڌ کان وڌ خيال رکيو وڃي: دوري دوران عملدارن کي هدايتون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان مصطفيٰ عبدالله بلوچ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ (اين آءِ سي ايچ) جو دورو ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ڪراچي: سنڌحڪومت جو ترجمان مصطفيٰ عبدالله ملاح اين آءِ سي ايچ جو دورو ڪندي

سڪر جو مغوي نينگر بازياب نه ٿيو، وارث سراپا احتجاج بڻيل

احتجاج کي 474 ڏهاڙا ٿي ويا آهن، ڪامورن جي ڪن جي جوءَ ناهي سري: وارث

جوابدارن جي نشاندهي ڪرڻ باوجود ڪڙتيل ناهي نڪتو: زاهد حسين مگريو

سڪر(بيورورپورٽ) سڪر مان اغوا ٿيل نينگر علي اصغر مگريو جي بازيابي لاءِ سڪر پريس ڪلب اڳيان 474 ڏينهن به سندس وارثن احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

ميهڙ بارايسوسئيشن پاران رسول بخش پليجي جي 95هين سالگرهه ملهائي وئي

رسول بخش پليجي سنڌ جي عوام جي حق لاءِ جدوجهد ڪئي: علي اصغر پتوجو

سنڌ لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رکيون ويندين: عبدالخالق چانڊيو ۽ ٻين جو خطاب

ميهڙ(رپورٽ عظيم جانوري)ميهڙ: سنڌ جي نالياري سياستدان، محقق، دانشور، ڏاهي، مدبر، قانونڊان، عوامي تحريڪ جي باني رسول بخش/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

نصيرآباد پرسان نوجوان گهر واٽبٽ تان خودڪشي ڪري چڏي

ڳوٺ گولو گنواس واسي فرحان ساوند بيٽري وارو زهريلو پاڻي پيتو

وارث نوجوان کي ڳٺتي جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻي ڪٽائي ويا جتي دم ڏنائين

نصيرآباد (رپورٽ اعظم تڳڙ) ڳوٺ گولو گنواس جو رهواسي گهر واٽبٽ تان بيٽري وارو زهريلو پاڻي پي خودڪشي ڪري چڏي لاش گهر پهچڻ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ماتلي ۾ پرسان پراسرار نموني باهه ۾ ڙڪي پئي، 7 گهر رک، ٻه پرسن به سڙي فوت

ماچي ڳوٺ ۾ لڳل باهه اک چنڀ ۾ ستن گهرن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڏيو

گهرن ۾ پيل ڪتون، هنڌ، بسترا، اناج ۽ ٻيو ضروري سامان پڻ سڙي رک ٿي ويو

80 ورهين جو حسين ماچي سڙي فوت، ٻه مينهون ۽ 4 ٻڪريون به سڙي مري ويون

ماتلي (ن.پاڪ)ماتلي لڳ واردِ نمبر 4 ۾ ڪرم الله نظاماڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا 16

ماتلي: باهه ۾ سڙي ويل پورهيت جي لاش پرسان وارث بيٺل آهن

ٺٽي ۾ نوجوان پاڻ تي پسٽل جو فائر ڪري مبينا خودڪشي ڪري چڏي

سيف الله عرف بابو خشڪ جو مڙهه ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

پائيٽو ڪجهه ڏينهن کان ذهني دٻاءُ جو شڪار هو: چاچو محمد اڪرم

ٺٽو(ڊر) ٺٽي شهر جي ڊاڪٽر گلي ۾ صحت ڪاٽي ٺٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

پ پ سنڌو درياهه جو سودو ڪيو آهي، عوام درياهه بچائڻ لاءِ روڊن تي اچي: ميرل ڪوسو

جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو سجاڳ نه ٿيا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي:ڪيو اي ٽي ضلعي دادو جو صدر

سنڌ جو پاڻي ڪپائيندڙ پارٽي سربراه جو گهيرو تنگ ڪري ان جي منافقي ظاهر ڪنداسين

رسول بخش پليجي سنڌ جي عورتن کي شعور ڏئي سياسي ميدان ۾ لاتو: سالگرهه تقريب کي خطاب

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: قربان علي ٻگهيو) پي پي درياهه جو سودو ڪري چڏيو آهي سنڌ جو عوام درياهه بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري اهڙن/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ڪي اين شاهه: رسول بخش پليجي جي سالگرهه تقريب جو ڏيک

جماعت اسلامي سنڌ پاران اڳوڻي صوبائي وزير مير غالب حسين ڊومڪي مٿان حملي جي مذمت

سنڌ ۾ ڏاڙيلن ۽ سنڌن سهولتڪارن خلاف بيرحماڻو آپريشن ڪيو وڃي: ايم يوسف

قيادت ٿي اسلام آباد ۾ سنڌ جو مقدمو وڙهي ڪان امن امان جي قيام لاءِ قدم کڻي سگهي ٿي

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر)جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

درياهه خان مري لڳ ٽريڪٽر ٽرالي کلتي، ڊرائيور فوت

منگيا موري وٽ ٽريڪٽر کلتي ٿيڻ سبب ڊرائيور غلام حيدر گبول زخمي ٿيو

زخمي کي اسپتال نيو پئي ويو ته زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنائين

درياهه خان مري (ن پاڪ)درياهه خان مري پرسان مهراڻ هاءِ وي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ڏاڙيل نادر ميراڻي جو لاش ڳوٺ سلطان ڪمالاڻي مان هٿ

شڪارپور (امتياز علي مري)شڪارپور پوليس طرفان مارجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ريلوي جي نجڪاري خلاف ملڪگير مظاهرا ڪبا: منظور رضي

حڪومت عوام دشمن فيصلا ڪرڻ کان پاسو ڪري تي بهتر آهي

راوپنڊي کان احتجاج جي شروعات ڪنداسين: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (پ ر)ريلوي ورڪرز يونين جي مرڪزي /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

شهدادپور ۾ مقامي ڳوٺاڻن جو نظر انداز ڪرڻ تي گئس ڪمپني اڳيان ڌرڻو

پي پي ايل گئس انتظاميا خلاف محمد يعقوب رڌ ۽ ٻين ڌرڻو هڻي نعربازي ڪئي

گئس ڪمپني روزگار ۽ ترقياتي ڪمن ۾ اسان جي ڳوٺن کي نظر انداز ڪري پئي: ڳوٺاڻا

جيڪڏهن اسان کي بنيادي سهولتون نه ملينون ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور پرسان پي پي ايل 3 گيس فيلڊ ۾ اڳيان مقامي علاقي واسي ڳوٺاڻن جو روزگار ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف محمد يعقوب رڌ ۽ ٻين سوين ماڻهن جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

شهدادپور: مقامي ڳوٺاڻا گئس ڪمپني جي زيادتين خلاف احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
Daily PAK Karachi
روزاني
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021

سڪر آفيس: روزاني پاڪ سڪر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سڪر

نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

اڳارو 21 جنوري 2025ع بمطابق 20 رجب المرجب 1446هـ

EDITORIAL

جديد ڊجيٽل لرننگ سسٽم ذريعي معياري تعليم ڏانهن وڪ

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي جي پنتي پيل علاقن ۾ ٻارن کي جديد ڊجيٽل لرننگ سسٽم ذريعي معياري تعليم ڏيڻ لاءِ حڪومت سان فعال طور تي ڀاڱي پائيوار غير منافع بخش تنظيمن جي ڪوشش کي ساراهيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار وڏي وزير سومر ڏينهن ڪورنگي جي پنتي پيل علاقن ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان ٻن مختلف اين جي اوز پاران هلايل اسڪولن جي اوچتو معائني دوران ڪيو. سندس پهريون دورو بلال ڪالوني ۾ گرين ڪريسينٽ ٽرسٽ (جي سي ٽي) اسڪول جو ڪيو. پرنسپل ارم فاطمه وڏي وزير کي ٻڌايو ته اسڪول ۾ گهٽ آمدني وارن خاندانن جا 559 شاگرد آهن ۽ هن اسڪول ۾ اٽين درجي تائين تعليم ڏني ويندي آهي. ان کان علاوه اسڪول پنجن سالن کان گهٽ جمار وارن ٻارن لاءِ پري اسڪول جي تعليم پڻ فراهم ڪري ٿو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ٻارن جي داخلا جي بنياد تي پارٽنر اسڪولن کي باقاعده مالي مدد فراهم ڪري ٿي. اڄڪلهه سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن اين جي اوز پاران هلائيندڙ اسڪولن کي هر ٻار لاءِ 1300 رپيا ماهوار مالي مدد فراهم ڪري رهي آهي. وڏي وزير تعليم واري وزير تي زور ڏنو ته شهر ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان لاڳاپيل اسڪولن جي باقاعدي معائني کي يقيني بڻايو وڃي. هن زور ڏنو ته حڪومت جي ڪوشش جا مثبت نتيجا نڪرڻ گهرجن. دوري دوران پرنسپل چيو ته اسڪول جي گهٽ گنجائش سبب مستحق خاندانن مان 1000 کان وڌيڪ ٻارن کي داخلا ڏيڻ ڪان قاصر آهن. وڏي وزير مراد علي شاهه انهن کي يقين ڏياريو ته سندس حڪومت اسڪول جي گنجائش وڌائڻ جي ڪوشش ۾ سهڪار ڪندي ۽ صلاح ڏني ته جائيل معاملي بابت تعليم واري وزير سان رابطو ڪن. وڏي وزير ڪلاس رومن جو دورو ڪيو ۽ شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، تعليمي سرگرمين ۽ روزاني حاضري رجسٽر جو جائزو ورتو. ٽيچ دي ورلڊ فائونڊيشن جو صدر شفيق خان پڻ ان موقعي تي موجود هو. جنهن وڏي وزير کي جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان تدريسي طريقن بابت آگاهه ڪيو ته جيئن پنتي پيل علاقن جي ٻارن لاءِ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائي سگهجي. گرين ڪريسنٽ ٽرسٽ گذريل 30 سالن کان سنڌ ۾ اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي تعليم فراهم ڪرڻ ۾ سرگرم آهي ۽ صوبي جي ڏورانهن علاقن ۾ 170 فلاحي اسڪولن جو نيٽ ورڪ هلائي ٿو. اهي اسڪول هن وقت گهٽ آمدني وارن خاندانن جي 32800 کان وڌيڪ شاگردن کي تعليم ڏين ٿا. انهن مان 19 اسڪول سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان لاڳاپيل آهن جن مان 12 ڪراچي ۾ آهن. ماتلي ۾ هڪ بهترين ڪيمپس انگريزي ۾ تعليم ڏئي رهيو آهي ۽ جديد سهولتن سان ليس پڻ آهي. ڊجيٽل مائڪرو اسڪول: وڏي وزير عوامي ڪالوني ۾ ڊجيٽل مائڪرو اسڪول جو دورو ڪيو جيڪو پڻ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلائي رهيو آهي. انهن کي ٻڌايو ويو ته اسڪول ۾ 100 شاگردن کي تعليم ڏيڻ لاءِ ٽيبليٽ ڪمپيوٽر استعمال ڪيا پيا وڃن جيڪي سيئي غريب پس منظر مان هئا ۽ اڳ ڪڏهن به اسڪول نه ويا هئا. وڏو وزير ڪلاس روم جي ڀت تي وينو ۽ ٻارن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. دوري دوران وڏي وزير مراد علي شاهه شاگردن جي ٽيبليٽ ڪمپيوٽرن ذريعي انگريزي ۽ رياضي جهڙن مضمونن جي باقاعده ڪلاس روم ۾ تدريس جي عمل جو جائزو ورتو. هن چيو ته هن سرپرائيز دوري جو مقصد هڪ پنتي پيل علاقي ۾ تعليمي نتيجن تي ٽيبليٽ ڪمپيوٽرن جي استعمال جي اثر جو جائزو وٺڻ هو. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن هي طريقو شاگردن جي تعليم لاءِ اثرائتو ثابت ٿيو ته ان کي ٻين اسڪولن تائين وڌايو ويندو. وڏي وزير اسڪول ويندڙ ٻارن جي خاندانن سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي جن مان گهڻا مزدور آهن. ۽ انهن جي ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ تعليمي موقعن بابت پڇاڻو ڪيو. ان کان علاوه هن عوامي ڪالوني جي رهواسين سان ملاقات ڪئي ڪين مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي فوري حل جو يقين ڏياريو. هن خاندانن تي زور ڏنو ته اهي يقيني بڻائين ته هر ٻار کي معياري تعليم ملي ڇاڪاڻ ته اهو انهن جي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. آخر ۾ وڏي وزير اعلان ڪيو ته هو تعليمي ادارن، پوليس ٿانن، روينيو آفيسن ۽ ٻين عوامي سهولتن جو اوچتو دورو جاري رکندو ته جيئن انهن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي سگهجي. هن ڪراچي ۾ مقامي حڪومتي ادارن خاص طور تي شهر جي صفائي جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪمن جو جائزو وٺڻ جو ارادو پڻ ظاهر ڪيو.

سياست ۾ گهٽو توڪي

رياض ابڙو

لفظي جنگ جي باهه ٻاري ڏني اٿن. ڪن ڪجهه نه ٿا رڳو ڪانئو وارو لڙ ڪيون ويٺا آهن. هڪڙي ڪورٽ عمران خان جي حق ۾ فيصلو ٿي ڏني يا معافي تلافي زباني ڪلامي هلائي مؤثي عزت بچائي پٽڪو ڏوڙ ڪري. وري ٻئي ڏينهن ساڳي ڪورٽ وري آهو ٿي چئي ته 62 ون اي صحيح ناهي. آهو ڪارو قانون آ. جڏهن نواز شريف جي لاءِ پناماليڪس واري ڳالهه ڪري هن ڪيس ڪوڙو ۽ فاصد ثابت ڪري ڪورٽ مان ناهيل ڪرائي ايڊيالا مان لنڊن روانو ڪيو هيئس، تڏهن قانون صحيح هيو هائي وري جڏهن عمران خان جو وارو آيو ته اهي قانون ڪارا ٿي ويا. مثال توشاخانا ۽ فارين فنڊنگ جي ڪيس جا فيصلا محفوظ پيا آهن. جيڪي ڪنهن مهل به ملڪي سياست جي ڪايا ڦيرائي سگهن ٿا. ملڪي سياست بدلي واري سياست ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. جيئن پي ٽي آءِ وارا وقت ڪڍي ويا اٿين هائي به شهبازسرڪار وقت ٽپائي ويندي. خان جي اڃ ۾ به اها ئي ڳالهه هئي ته رڳو نون ليگ ۽ پي پي کي نه ڇڏيندو پر هائي وري نون ليگ جي به ساڳي ڳالهه لڳي پئي آهي ته اهي هائي فرح گوگي کان وٺي جهانگيرخان ترين جي ڪريشن جي ڪيسن اڳلائيندا ۽ پيهرانهن جي جانچ ڪرائيندا ۽ عمران خان جي سچي ٽولي کي نه ڇڏيندا. ان ڪري رڳو ڪورٽن ۾ پيش ٿيڻ شرط ته هيو. پر توشاخانا، فارين فنڊنگ ۽ القادر يونيورسٽي جا محفوظ ڪيس جڏهن رڳو ٻڌائڻ جي حد تائين رکيل آهن. جن جي ٻڌائڻ جي ديرآهي. فارين فنڊنگ ڪيس جو فيصلو جڏهن محفوظ پيو آهي، جڏهن ايف آءِ اي پي ٽي آءِ پويان وڙ ڪٽي پئي آهي تڏهن عمران خان جي سياست جن داؤ تي لڳي پئي آهي. ان ڪري عمران جي سياست ۾ هائي ٿوري استقامت ۽ سچائي جو هجڻ به لازمي آهي. ڇو ته سياست جي پائيداري رڳو رياست ۽ سياسي پارٽين سان وڙهه جو نالو ناهي. ساڳي تناظر ۾ ڏسون ته پي پي پلي ڪيتري به لڇڪدار سياست ڪندي هجي، پر نون ليگ وري ان بدلي جي سياست ۾ زبردست يقين رکڻ واري به آهي. جيڪا ڳالهه عمران خان کي وسارڻ نه گهربي هئي، پر پي ٽي آءِ ته پرائي جنگ وڙهي ۽ پنهنجي روايتي سياست به بوڙي هلي وئي، ان ڪري راند ۽ سياست ۾ ڪجهه فرق ڪجي نه ڦلو آهي نه ته پي صورت ۾ سياست ڪوڙي ٿي پئي.

نوازشريف جي نرالي نعري "ووٽ کو عزت دو" عمران جي حقيقي آزادي ۽ ان ڪري به مماثلت ۽ هڪجهڙائي آهي، جو پنهنجي جو روج راڙو رڳو ان ڪري به هيو جو بئي ڪڍيا ويا هئا، پنهنجي ڪي پڪ هئي ته انهن جي پويان فوج لڳي پئي آهي، پر طريقا جدا ٿورا ڪئي مختلف به هجن. پر ڪورٽن پويه ان عمل ۾ دخل ڏيڪاري آئين جي بحالي ممڪن ڪري ويون. ان ڪري نوازشريف ته سيپٽمبر 2020 واري جلسي ۾ به عسڪري ادارن کي بنڌشد ڳالهائي پنهنجي سياست چمڪائي ويو هيو. ان جلسي ۾ نوازشريف جنرل فيض تي سڌو سنئون 2018 جي اليڪشن ۾ ڏاڍتلي جا الزام به هنئيا هيا پر ڳالهه وري هن سان به ساڳي هئي ته هي خان به فوج کي ته ٿو چڙي، هي ته وري وڏيو ٿبوتن جي به ڳالهه ٿو ڪري، هي ڦري گهري وري به ان ڳالهه تي آهي ته مداخلت ۽ سازش ۾ فوج به انهن آمريڪن يا يونائيٽيڊ اپوزيشن سان مليل هئي. ان ڪري عمران خان جو انقلاب ايندي ايندي رهجي ويو نه ته نوازشريف وانگي ملڪ ملير تي پئي هان ۽ ڪريشن کان پاڪ پاڪستان به سيني سياسي پارٽين جي آئين ۽ منشور ۾ شامل آهي ته اهي هڪ ڏينهن ڪريشن جون پاڙون پٽي ڏيو ڪنداءِ ملڪ ٺري ويندو. انصاف هر ڪنهن کي درجي ڇانٽڻ تي ملندو ۽ ماڻهو خوشحال زندگي گذاريندا. پر اهو به ديواني جو خواب آهي ته ۽ پرائي دهل تي ڏنو چريو لڳو پيو آهي ته هي ملڪ به خوشحال ٿي سگهي ٿو.

پر ڳالهه اها به منجهائي ٿي ته هي (عمران خان) پلاڻ جي پنهنجا پنج آئيني سال پورا به ڪري هان ته وري نئين سرڪار کي اڻ ڪري به هلڻ ته ڏئي هان جو هي ڇاهي پيو ته ”اِي وي ايم“ جي سهاري ووٽن جا سسٽم اهڙا ڪجن جو ووٽ هڪڙو ڪري ۽ نتيجو ٻيو. جو هن ملڪ جي غريب ماڻهن کي پريشاني ۾ پنهنجو گهر به نه ٿو لڀي اهي اليڪشن وارين سان ڪهڙي ڪمپيوٽر هڪ تي هٿن هان ته لڳي پئي تي هان. آسرا هڪڙا ته نتيجا ڪجهه پيا هجن هان. ان ڪري ته ادارن تي ڪهڙو ايمان آهي جو هائي ڪمپيوٽر ڊوائيسز تي ايمان آڻي سياست کي سرخرو ڪرائي ڇڏجي هان. ان ڪري ملڪي عوام اڃ ته ڪندي هجي، پر نون ليگ وري ان بدلي جي سياست ۾ زبردست يقين رکڻ واري به آهي. جيڪا ڳالهه عمران خان کي وسارڻ نه گهربي هئي، پر پي ٽي آءِ ته پرائي جنگ وڙهي ۽ پنهنجي روايتي سياست به بوڙي هلي وئي، ان ڪري راند ۽ سياست ۾ ڪجهه فرق ڪجي نه ته پي صورت ۾ سياست ڪوڙي ٿي پئي.

نوازشريف جي نرالي نعري "ووٽ کو عزت دو" عمران جي حقيقي آزادي ۽ ان ڪري به مماثلت ۽ هڪجهڙائي آهي، جو پنهنجي جو روج راڙو رڳو ان ڪري به هيو جو بئي ڪڍيا ويا هئا، پنهنجي ڪي پڪ هئي ته انهن جي پويان فوج لڳي پئي آهي، پر طريقا جدا ٿورا ڪئي مختلف به هجن. پر ڪورٽن پويه ان عمل ۾ دخل ڏيڪاري آئين جي بحالي ممڪن ڪري ويون. ان ڪري نوازشريف ته سيپٽمبر 2020 واري جلسي ۾ به عسڪري ادارن کي بنڌشد ڳالهائي پنهنجي سياست چمڪائي ويو هيو. ان جلسي ۾ نوازشريف جنرل فيض تي سڌو سنئون 2018 جي اليڪشن ۾ ڏاڍتلي جا الزام به هنئيا هيا پر ڳالهه وري هن سان به ساڳي هئي ته هي خان به فوج کي ته ٿو چڙي، هي ته وري وڏيو ٿبوتن جي به ڳالهه ٿو ڪري، هي ڦري گهري وري به ان ڳالهه تي آهي ته مداخلت ۽ سازش ۾ فوج به انهن آمريڪن يا يونائيٽيڊ اپوزيشن سان مليل هئي. ان ڪري عمران خان جو انقلاب ايندي ايندي رهجي ويو نه ته نوازشريف وانگي ملڪ ملير تي پئي هان ۽ ڪريشن کان پاڪ پاڪستان به سيني سياسي پارٽين جي آئين ۽ منشور ۾ شامل آهي ته اهي هڪ ڏينهن ڪريشن جون پاڙون پٽي ڏيو ڪنداءِ ملڪ ٺري ويندو. انصاف هر ڪنهن کي درجي ڇانٽڻ تي ملندو ۽ ماڻهو خوشحال زندگي گذاريندا. پر اهو به ديواني جو خواب آهي ته ۽ پرائي دهل تي ڏنو چريو لڳو پيو آهي ته هي ملڪ به خوشحال ٿي سگهي ٿو.

پر ڳالهه اها به منجهائي ٿي ته هي (عمران خان) پلاڻ جي پنهنجا پنج آئيني سال پورا به ڪري هان ته وري نئين سرڪار کي اڻ ڪري به هلڻ ته ڏئي هان جو هي ڇاهي پيو ته ”اِي وي ايم“ جي سهاري ووٽن جا سسٽم اهڙا ڪجن جو ووٽ هڪڙو ڪري ۽ نتيجو ٻيو. جو هن ملڪ جي غريب ماڻهن کي پريشاني ۾ پنهنجو گهر به نه ٿو لڀي اهي اليڪشن وارين سان ڪهڙي ڪمپيوٽر هڪ تي هٿن هان ته لڳي پئي تي هان. آسرا هڪڙا ته نتيجا ڪجهه پيا هجن هان. ان ڪري ته ادارن تي ڪهڙو ايمان آهي جو هائي ڪمپيوٽر ڊوائيسز تي ايمان آڻي سياست کي سرخرو ڪرائي ڇڏجي هان. ان ڪري ملڪي عوام اڃ ته ڪندي هجي، پر نون ليگ وري ان بدلي جي سياست ۾ زبردست يقين رکڻ واري به آهي. جيڪا ڳالهه عمران خان کي وسارڻ نه گهربي هئي، پر پي ٽي آءِ ته پرائي جنگ وڙهي ۽ پنهنجي روايتي سياست به بوڙي هلي وئي، ان ڪري راند ۽ سياست ۾ ڪجهه فرق ڪجي نه ته پي صورت ۾ سياست ڪوڙي ٿي پئي.

نوازشريف جي نرالي نعري "ووٽ کو عزت دو" عمران جي حقيقي آزادي ۽ ان ڪري به مماثلت ۽ هڪجهڙائي آهي، جو پنهنجي جو روج راڙو رڳو ان ڪري به هيو جو بئي ڪڍيا ويا هئا، پنهنجي ڪي پڪ هئي ته انهن جي پويان فوج لڳي پئي آهي، پر طريقا جدا ٿورا ڪئي مختلف به هجن. پر ڪورٽن پويه ان عمل ۾ دخل ڏيڪاري آئين جي بحالي ممڪن ڪري ويون. ان ڪري نوازشريف ته سيپٽمبر

افغانستان ڪيئن دهشتگردن جو ڳڙه بڻيو؟


حبيب تالاڻي

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته افغانستان ماضي ۾ صدي سوا اڳ دنيا جي نقشي تي هڪ خوشحال ۽ ڏيهان ڏيه وايار جي حوالي سان مشهور ملڪ هوءِ هو جا دنيا سان بهترين واپاري لاڳاپا هاڻ ان ڪري ان مهل افغانستان توڙي افغاني معاشرو دنيا جي ترقي پذير ملڪن ۽ معاشرن ۾ ليکيو ويندو هو پر وقت گذرڻ سان گڏ جڏهن سوويت يونين افغانستان تي چڙهائي ڪئي ان وقت کان هن وقت تلي افغانستان جنگ تباهي بربادي ۽ زوال پذيرجي ور چڙهيل آهي ۽ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان افغانستان پنهنجي پرائي سڃاڻپ وڃلي هڪ خطرناڪ ملڪ طور نروار ٿي بيٺو آهي ۽ دنيا جي بابندي ڀيل ڪيترن ئي ويڙهاڪ دهشتگرد تنظيمن جي ڳڙهه طور سڃاتو وڃي ٿو افغانستان جي هن موجوده زوال جا ڀيرا ڪئي سال پٺوپاڻي ته. سوويت فوجن جي افغانستان مٿان چڙهڻي ڪان پوءِ افغانستان جي اڀرندي شرح ڀ اسي واري ڏهاڪي ۾ جڏهن سوويت يونين جي افغانستان تي چڙهڻي بعد امريڪا پنهنجي دشمن سوويت يونين کي شڪست ڏيڻ يا هن خطي ۾ ڪيس ڦاسلي وڏو فوجي نقصان ڏيڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا ۽ ٻي پاسي اسان جي ملڪ جي اترين سرحدن ويجهو سوويت فوجن جو پهچڻ به ڪنهن وڏي خطري جي جڙ نه گهنڊي هئي ان سڄي صورتحال امريڪا ۽ پاڪستان جي مفادن کي هڪ جاءِ تي اڳي ٻيهاري ڇڏيو نه ڪنهن به طريقي سان نيڪالي ڏيارجي ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪجن جو سوويت فوج جان ڇڏلي ڀڄي وڃي جنهن بعد امريڪا اربين روپيا خرچ ڪيا ۽ اسان جي ملڪ ۽ جهاد جو نعرو هنيو ويو امريڪي ڊالر پاڻي جيان وهندو رهيو اسان جا حڪمران ڊالرن سان ڪيڏندا رهيا اسلام ۽ جهاد جي نالي تي ملڪ جي ڪنڊ ڪوڙ ۾ سرڪارجي نگراني هيٺ مدرسا ڪلي ويا جتي اسلامي ۽ دنياوي تعليم ٻدران جهاد جي نالي تي وڙهاڪ طالب پيدا ڪيا ويا ان عمل ۾ عرب به اڳيان اڳيان رهيا عرب ملڪن جي ۽ ڪنڊ ڪوڙ مان جهاد جي نالي تي دهڙا دهڙ ماڻهو هن خطي ۾ ايندا رهيا جن کي سي آءِ اي جي خرچ تي ٽريننگ ڏيي افغانستان ۾ سوويت فوجن سان وڙهايو پي ويو ان سڄي صورتحال ۾ توڙي جو سوويت فوجون شڪست ڪلي افغانستان مان نڪري ويون ۽ سوويت يونين به ٽٽي پيو امريڪا اربين روپيا خرچ ڪيا ۽ پنهنجا مفاد به مائيا پر افغانستان ۽ پاڪستان ان صورتحال سبب ڳهٽو ڪجهه پوڳيو ۽ اج تلين پي ملڪ ۽ ان جو عوام پوڳي پيو ته افغان جنگ ۾ سڀ کان وڏيڪ نقصان جتي افغانين جو ٿيو اتي اسان جي سنڌ صوبي پڻ گهڻو ڪجهه پوڳيون ته افغان جنگ سبب جتي نه رڳو لکين افغانين اجي سنڌ ۾ ديرا جمايا پر انهن سنڌ ۾ هٿيار ۽ مشياٽ ڪلاڻ جي عام ڪري ڇڏيو جنهن جي جار ۾ اج اسان جي سنڌ ڦاٽل آهي خير افغانستان مان سوويت فوجن جي نڪرڻ بعد افغان حڪومت جون واڳون افغانين جي هٿن ۾ اچڻ بدران ٻاهران آيل ويڙهاڪن جي هٿن ۾ اچي ويون جيڪو افغاني عوام سان وڏو ويڙن هو اهڙي ناانصافي تي امريڪا به خاموش هوان ڪري ته انهن ويڙهاڪن جي ڪري هن سوويت يونين کي شڪست ڏني ان سان گڏ اها به هڪ حقيقت هي ته اهي ويڙهاڪ پيسي وڙي هٿيار جي حساب سان هڪ منظر فوج نظر اچڻ لڳي جن کي بي هٿيار ڪرڻ امريڪا جي وس ۾ به نه هو ليون اهي ويڙهاڪ طالبان جي صورت ۾ افغانستان مٿان قابض ٿي ويا ۽ پاڪستان اندر وزيرستان واٽا سوات جهڙن علاقن تلين پنهنجو اثر قلم ڪري ويٺا ۽ اڳتي وڌڻ جي پلاننگ ڪندا رهيا ته ٻي پاسي افغانستان ۾ حالت اها ٿي وي جو طالبان سان گڏ ڦلش وڙي ٻيون عالمي ويڙهاڪ تنظيمن ديرا جملي ورتا ۽ امريڪي مفادن خلاف ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ويو ته افغانستان جي هن موجوده حالت کي ڇا ڀيرا ڪئي سان پٽوپاڻي ته. اڪثريت غيرافغانين جي هي جيڪي افغانستان تي قابض ٿي ويهي رهيا جنهن جو نقصان افغان عوام کي ٿيو خير افغانستان ۾ امريڪي مفادن خلاف ڪم ڪرڻ سبب افغان طالبان مٿان پابندين لڳايون ويون پر ڪجهه به نه ٿيو آخر جو 2001 ۾ نلن الين وارو واقعو پيش آيو ولڊ ٽريڊ سينٽر کي تباهه ڪيو ويو ته هڪ پيرو ٻيهر امريڪا کي هن خطي ۾ اچڻو پيو ۽ پاڪستان جي ضرورت پي پوءِ اسان ڏٺو ته ڪين ان سي طالبان خلاف جنگ ڪي وي جيڪي طالبان سوويت خلاف امريڪا تيار ڪيا امريڪا اتحاديون سان گڏجي افغانستان مان طالبان حڪومت جو خاتمو آندو وڏا وڏا طالبان توڙي القائدا اڳواڻ ان جنگ ۾ مارجي ويا افغانستان مٿان قبضي بعد امريڪا اتي پنهنجي پسند جي حڪومت قلم ڪي ٻن ڏهاڪن تلين امريڪا اتي موجود رهيو پر آخر هن کي هتان نڪرڻو هو پاڪستان ذريعي طالبان سان ڳالهيون ڪري امريڪا افغانستان مان نڪري ويو ته طالبان ٻيهر افغانستان مٿان قبضو ڪري پنهنجي حڪومت قلم ڪي ۽ افغاني طالبان اهو چوندا رهيا ته اسان سوويت کان پوءِ امريڪا کي به شڪست ڏني خير امريڪا جي افغانستان مان نڪري وڃڻ بعد جتي افغان طالبان اتي پنهنجي حڪومت قلم ڪي ليون پاڪستاني طالبن کي به شوق ٿيو ته. وري وزيرستان واٽا سوات توڙي اهڙن ٻين علاقن ۾ وري وڃجي ۽ رياست اندر رياست قلم ڪجي ٿي پي جي ان ته سوچ توڙي عمل ۽ مٿان وري ٿي پي پاڪستاني طالبان جي هر طرح جي مدد ۽ حمايت سبب اڄ افغانستان ۽ پاڪستان وچ ۾ سرحدن جي ڇڪتاڻ آهي جتي هر روز ٿي پي جا دهشتگرد افغان طالبان سان گڏجي سرحدي چوڪين تي حملا ڪري رهيا آهن پاڪستان جي ٻاربار چوڻ باوجود طالبان افغانستان ۾ موجود ٿي پي جي قيادت خلاف ته ڪارواهي ڪڍڻ کي تيار نه آهي ان ڪري مجبور ٿي پاڪستان کي افغانستان ۾ ٻڪتيا صوبي ۾ ٿي پي جي ڪمين تي حملا ڪرڻا پيا حالانڪه ان کان اڳ عمران دور ۾ افغان طالبان ۽ پاڪستاني وڏ ۾ اهو طي ٿيو ته ٿي پي جي وارن کي عام معافي ڏني وڃي ۽ پاڪستان ۾ قيد ڪجهه طالبان اڳواڻن کي عام معافي ڏيي آزاد ڪيو وڃي ته ٿي پي وارا سرينڊر ڪندا ۽ پاڪستان ۾ پرامن طريقي سان رهندا پاڪستاني آئين کي تسليم ڪندا ۽ هڪ سياسي تنظيم جوڙي ٻين مذهبي تنظيمن جيان ڪم ڪندا جنهن بعد جيلن ۽ قيد ڪيترائي ٿي ٿي پي اڳواڻ قيد مان آزاد ڪيا ويا پراهي سڌرن ڪئي مدرسن ۾ مفت جي ماني ڪلي ڪلي هنن جا پيٽ پرچي ويا وقت گذرڻ سان گڏ ٿي پي پنهنجي ساڳي سوچ ته اسان پاڪستاني رياست اندر رياست قلم ڪندا سين ڪرڻ شروع ڪيو وري دهشتگردي وري ساڳيا ڪم ۽ وري افغان طالبان به هنن جو ڪلهو ٿپيندا رهيا اصل ۾ افغان طالبان پاڪستان کان نلن الين کان پوءِ افغانستان مٿان ٽيل امريڪي ۽ سنڌس اتحاديون جي حملي جو بدلو وٺڻ چاهن ٿا ان ڪري افغان طالبان ٿي پي کي استعمال ڪري پاڪستان اندر حالتون خراب ڪري رهيا آهن افغان طالبان سمجهن ٿا اسان امريڪا ۽ سوويت جهڙن سپر پاورن کي شڪست ڏي پڇاڻ ڏيڻ ۾ پاڪستان اسان جي اڳيان ڪجهه به ناهي پراها طالبان جي پڇاڻ آهي سوويت يونين کي شڪست امريڪا ۽ پاڪستان ڏني ۽ امريڪا هنن کي ڪري به جن مقصدن خاطر امريڪا افغانستان تي حملو ڪري قبضو ڪيو آهي مقصد امريڪا حاصل ڪيا پوءِ اهوي صورتحال ۾ امريڪا جو هتي افغانستان ۾ رهڻ بي مقصد هو هن کي هتان نڪري وڃڻو هوان ڪري به ته هو افغانستان قابض هوان ڪري امريڪا هليو ويو افغان طالبان بن ڏهاڪن ۾ امريڪا کي افغانستان مان ڪڍي نه سگهيا چو؟ اصل ۾ امريڪا جا مفاد اتي ختم ٿي چڪا هان ڪري هو هليو ويو ان ڪري طالبان کي سمجهڻو پوندو ته امريڪا ۽ پاڪستان کي هڪ نظر سان ڏسڻ ۽ هڪ جهڙو سمجهڻ سندن وڏي غلطي ۾ پل آهي طالبان حڪومت کي سمجهڻو پوندو ته پاڪستان هن خطي ۾ هڪ آزاد رياست آهي ڪو قابض ملڪ ناهي ته اوهان جي جنگ جي خوڻ کان پاڪستان هن خطي مان سوويت يونين يا امريڪا وانگي نڪري ويندو پاڪستان هتي سي رهڻو آهي پل ڪيترلي سال جنگ ٿي پاڪستان ڪاڏي به ويندو نقصان پاڪستان جو ٿيندو ته ڀڄندو افغانستان به نه ٻنهي ملڪن ۾ حالتون خراب ٿينديون قدير سماجي لاڳاپا متاثر ٿيندا فلدو اسلام دشمن طاقتن کي ٿيندو طالبان حڪومت ماضي مان سبق سکڻ بدران ساڳيو غلطي ڪري رهي آهي سوويت فوجن جي نيڪالي بعد دنيا جي ڪنڊ ڪوڙ جي دهشتگردن اڄي افغانستان ۾ ڊيرا جمايا وري ساڳي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي تازو عالمي اداري پاران به اهو چيو ويو آهي ته ڊلٽي سميت ڪجهه عالمي دهشتگرد تنظيمون ٻيهر افغانستان ۾ منظر ٿي رهيون آهن جيڪا صورتحال ته رڳو پاڪستان پر پوري دنيا سان گلوڪڙ خود افغانستان جي لاءِ نقصانڪار آهي طالبان حڪومت کي افغان سرزمين کي عالمي دهشتگردن کان پاڪ رکڻ گهرجي ۽ افغانستان جي طالبان حڪومت کي دنيا سان گڏ هلڻ گهرجي افغان شهرين کي اسلامي معاشري توڙي عالمي قانون مطابق انهن جا حق ڏيڻ گهرجن چار ڏهاڪن جي ويڙهاڻ ۽ جنگن افغانستان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي افغانستان کي وڏيڪ جنگن ۾ ڌڪڻ کان بچڻ لاءِ افغانستان حڪومت کي ٿي پي به پنهنجي سي پي اي موٽرسائيڪل چوري ٿي وئي اهڙي اين سي حد تائين ٿي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس هن وقت تائين موٽرسائيڪل واپس ناهي ڪرائي سگهي موٽرسائيڪل نه هجڻ سبب روزگار تي به وڃڻ کان لاچار بڻجي ويو آهيان

بقايا

محمد نظاماڻي ۾ هڪ ڏينهن جي ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ علي بن ابي طالب فاينونڊيشن جي صدر اشعت خاصخيلي، جنرل سيڪريٽري رانا عثمان، اياز عسڪري، سلمان لغاري، امير حيدر باگرائي ٻين شرڪت ڪيي ان موقعي اڳواڻن لڳايل مفت ميڊيڪل ڪيمپ تي ميڊيا سان ڳالهاييندي چيو ته ڳوٺ علي محمد نظاماڻي ڪيمپ تي فري ميڊيڪل ڪيمپ تي لڳ ڀڳ 350 کان وڌيڪ مختلف مريضن جي چڪاس ڪري ڪين مفت دوايون ڏنيون آهن آسان جي ڪوشش آهي ته شهدادپور ۽ پرپاسي جي مختلف ڳوٺن ۾ آسان اهڙيون فري ميڊيڪل ڪيمپون قائم ڪري فلاحي ڪم ڪيون.

بقايا

ٽيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائڻ لاءِ سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سبزي منڊي واري علاقي مان منهنجي سي ڊي موٽرسائيڪل چوري ٿي وئي اهڙي اين سي حد تائين ٿي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس هن وقت تائين موٽرسائيڪل واپس ناهي ڪرائي سگهي موٽرسائيڪل نه هجڻ سبب روزگار تي به وڃڻ کان لاچار بڻجي ويو آهيان

بقايا

ايسوسئشن جي هدايت تي بخت علي ڏهوت هاڪي اسٽيڊيم لقمان خيرپور تي جاري پئي چيف آف آرمي اسٽاف ڪلب ريجنل راؤنڊ 2 سڪر ريجن هاڪي چيمپئن شپ ۾ پئي سيمي فائنل مهراڻ هاڪي ڪلب خيرپور ۽ شاهين اسٽار هاڪي ڪلب گهوٽڪي وچ ۾ ڪيڊيو ويو جنهن ۾ تمام سخت مقابلي کان پو مهراڻ هاڪي ڪلب 2_0 تان ڪاميابي حاصل ڪري فائنل لا ڪواليفا ڪري ورتو ميچ ۾ مهمان خاص ذوالفقار علي ڏهوت نائب صدر سنڌ هاڪي ايسوسئشن ۽ ان سان گڏ اعزازي مهمانن ۾ جاويد رسول راهپوتو ـ عرفان علي ڏهوت سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ هاڪي ايسوسئشن خيرپور. پروفيسر نجم الحسن . غلام مرتضي. ۽ امتياز جماڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا

شفافيت ۽ معلمات گهرڻ جي حق واري قانون بابت آگاهي ڏني وئي. تفصيل موجب متحرڪ سماجي تنظيم سيوا ڊولپمينٽ ٽرسٽ پاران ضلعي خيرپور جي نوجوانن کي سنڌ ٽرانسپيرينسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. واضح رهي ته سيوا ڊولپمينٽ ٽرسٽ اها آگاهي سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ اينيشيٽوز (سي پي ڊي اي) يو ايس ايڊ جي سهڪار سان هلندڙ هڪ منصوبي تحت ڏني آهي. منصوبي تحت سيوا ڊولپمينٽ ٽرسٽ کي ضلعي خيرپور ۾ آر ٽي آءِ قانون بابت جاڳرتا ڦهلائڻ جو ڪم ڪرڻو آهي. آگاهي تقريب دوران سيوا جي پرجيڪٽ مينيجر غلام ياسين چيو ته آر ٽي آءِ قانون بابت جاڳرتا نوجوانن جي مدد سان ڦهلائي ويندي.

بقايا

ڪري سخت نعريبازي ڪرڻ بعد ڊرٽو هنيو ويو. ان موقعي تي آبپاشي پورهيت يونين هالا ڊويزن جي صدر وحيد ڪاڪا جنرل سيڪريٽري رضوان ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا اڳيان ڏانهن ڪندي چيو ته آبپاشي پور

بقايا 01

سوشل ميڊيا تي خبرون وائرل آهن. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جوڙي تمام جلد شادي ڪرڻ وارو آهي، پران حوالي سان ٻنهي مان ڪنهن به بظاهرا تصديق يا تردِيد ناهي ڪئي. ڪجهه ڏينهن اڳ گوهر رشيد هڪ ويڊيو انسٽاگرام تي شيئر ڪئي هئي جنهن ۾ ڪيئي مشهور شوبز شخصيتون موجود هيون جڏهن ته اداڪارا ان پوسٽ ۾ ”ميري يار ڪي شادي“ جو هيش ٽيگ استعمال ڪيو هو. هاڻي هڪ تقريب جي موقعي تي ڪبريٰ خان ڪان سندس شاديءَ بابت پڇيو ويو، جنهن جي جواب ۾ ڪبريٰ خان تصديق ڪئي ۽ چيوته جي ها! منهنجي فيبروري ۾ شادي ٿي رهي آهي جنهن تي سوال ڪرڻ واري چيو ته انشاءَ الله

بقايا 02

هٽيارن جي زور تي ون تو فائيو موٽر سائيڪل سوار امداد جوڻيجو کي هٽيارن جي زور تي يرغمال بڻائي تشدد ڪري نئين ون تو فايو موٽر سائيڪل 2025 ماڊل موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا هٽيارنبند هٿان ڦرجي ويل متاثر امداد جوڻيجو ٻڌايو آهي مونکان پٽ ٻڌل 6 هٽيارنبند ڦوروِ هٽيارن جي زور تي گاڏي موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا آهن. هن وڌيڪ چيو ته ڪجه ڏينهن اڳ منهنجي پاءُ مهتاب جوڻيجو کان پڻ ون تو فائيو موٽر سائيڪل ڦري هيا ۽ روڪ رقم سان گڏ موبائيل فون پڻ ڦري ويا هئا هوڏانهن پوليس رپورٽ درج ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 03

مافيا پاران من پسند ريٽ وٺي عوام کي پاڻي مهانگي اڳ تي وڪرو ڪرڻ خلاف پاڪستان نوجوان تحريڪ پاران ٺٽي ويندڙ روڊ تي ويهي احتجاجي مظاهرو ڪري ڏڙو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن عبدالستار لڏهر خالد ٽالپر محمد علي مغيري دودو ابڙو ۽ ٻين چيو ته هڪ طرف انتظاميا ٽينڪر جا ريٽ فڪس ٿو ته ٻي طرف وري ٽينڪر وارا انتظاميا جي ڳالهه کي ٽڏي پنهنجا من پسند ريٽ وصول ڪن ٿا هنن چيو ته انتظاميا صرف نالي ماتر بيان ڏين ٿا جنهن جو اثر تي نٿو پوي عوام مجبور آهي جيڪو مهانگي اڳ تي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهي چو جو ٻيو ڪو متبادل رستو ناهي هنن وڌيڪ چيو ته اسين سمجهون ٿا ته ٽينڪر مافيا ڊي سي کان به وڌيڪ طاقتور آهن هنن مطالبو ڪندي چيو ته پاڻي جو مسئلو هلي ڪري متبادل رستو ڏئي عوام کي پاڻي سستو ڪري ڏنو وڃي

بقايا 04

رهواسين لاءِ اڪين جي مفت ڪئمپ تاريخ 28 ۽ 29 جنوري 2025 تي الزهره ميڊيڪل سينٽر سامهون بائي پاس ٽائون دادو روڊ شهر مورو لڳي رهي آهي جنهن ۾ اڪين جا ماهر پروفيسر ڊاڪٽر پنهنجون خدمتون سر انجام ڏيندا جنهن ۾ بهترين اڪين جا آپريشن اعلي ڪوالٽي جا لينس ۽ چشما مفت فراهم ڪيا ويندا ان سلسلي ۾ صحت ڪاتي حيدرآباد ڊويزن ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي اڳوڻي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سيده عصمت زهره شاهه مورو ۾ سيد هائوس تي شاهلطيف سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان هميشه انسان ذات جي خدمت ڪئي آهي ۽ هاڻي به ان جذبي تحت خدمت ڪري رهيا آهيون ان لاءِ اسان پنهنجي شهر مورو ۽ ان جي پسڪردائيءَ وارن علاقن جي رهندڙ غريب مسڪين ماڻهن پورهيت مزدور طبقي لاءِ مفت اڪين جي ڪئمپ لڳرائي رهيا آهيون جنهن ۾ انهن جو مفت آپريشن ڪندا ۽ ڪاڏ خوراڪ سميت هر سهولت فراهم ڪري ڏني ويندي ته جيئن هن علاقي جا ماڻهون نور جهڙي نعمت کان محروم نه ٿين اسان جي هن عمل ۾ سمورن سماج سڌارڪ انساني خدمت ڪندڙ ڌرڻين سان ڏين ته جيئن انساني خدمت پرپور ٿي سگهي.

بقايا 05

سپورٽ پروگرام ۾ تقسيم ٽينڊڙ قسط جو راڻي پور ۾ قائم سينيئر ختم ٿيڻ سبب پرياسي جون هزارين عورتون مختلف شهرن ڳاڻهن سفر ڪري وچڻ تي مجبور ٿي ويون آهن، متاثر عورتن مسمات حليمه شبنم، عارفه خاتون ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل قسطن ۾ راڻي پور ۾ بسپ سينٽر قائم هو پر هن دفعي سينٽر هتان سوپوڊيرو منتقل ڪيو ويو آهي. جنهن سبب اتي تمام گهڻي رش آهي. اتي اسان جي تذليل به ٿئي ٿي ۽ ڪافي ڇڪرڻ ڪڍڻ باوجود پيسا به نه ٿا ملن. هتي سينٽر ويجهو هجڻ ڪري اسان کي تمام گهڻي سهولت هئي. سخت سيءَ سبب سوپوڊيرو وڃڻ ڏاڍو مشڪل بڻيل آهي. اسانجو وس وارن کي اپيل آهي ته اسانجو راڻيپور وارو سينٽر بحال ڪري اسان کي وڏيڪ مشڪلات مان ٻاهر ڪڍيو وڃي. جڏهن ته شهرين، سياسي سماجي اڳواڻن عاصي فقير محمد عباسي، لالا شڪيل شيخ، الطاف عباسي، شهري فورم اڳواڻ فاروق ڏاڍي، آغا منظور انصاري، فياض راڄپر، مشتاق مغل، شبير جعفري، محمد بچل لاڙڪ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سپ سينٽر جي هتان منتقلي سبب شهر جو مالي نقصان ٿي رهيو آهي. جڏهن ته عورتون پڻ درڊر ٿي رهيون آهن. جڏهن قسط هلندي هئي ته شهر کي به فائيو پوندو هو چا ڪاڻ ته خريداري ٽيندي هئي. پر هاڻي ڪاروبار تي پڻ اثر پيو آهي. اگر ايڪ بي ايل زونل آفيس، بي ڊي او ۽ فرنچائيزس وارا اگر پنهنجو قائم ڪيل ڳٽ جوڙ ختم ڪري غريب عوام جو پلو ڪرڻ چاهن ٿا ته اهي ان تي سنجيده ٿي ڪري راڻي پور وارو سينٽر ٻيهر بحال ڪرائي شهر جو رونقون ۽ عورتن کي درڊر ٿيڻ کان بچائي سگهن ٿا.

بقايا 06

سيڪيورٽي گارڊ وقار حيدر ڪنير پاران نصيرآباد پڇي تعلقا پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي دانهنيندي چيو آهي ته اٿون بابه نيشنل بئنڪ تي سيڪيورٽي گارڊ جي ڊيوٽي ڪندو هيس، موجوده هيڊ ڪيشئير عبدالجبار اپڙو مونکي چيو ته منهنجي ٻاهر ڪار بيٺل آهي ان کي ڏوئي صاف ڪري ڏي، مان ان کي چيو ته مان تنهنجو ملازم ناهيان، بنئڪ جو ملازم آهيان انڪار ڪرڻ تي هيڊ ڪيشئر جبار اپڙو آپريشن مئنيجر الطاف چانڊيو، مسعود شيخ، ريجنل هيڊ ميئنجر اورنگزيب منگي سان ملي ڪري مونکي سيڪورٽي گارڊ جي نوڪري تان برطرف ڪري ، مونکان منهنجي پڇڙن جو روزگار ڪسي ورتو آهي اٿون مسڪين پورهيت آهيان به مهينا گذري ويا آهن. روزگار نه هجڻ ڪري منهنجا بچا ڦاڦ ڪشي ۽ مبتلا آهن ۽ روئي رهيا آهن

بقايا 07

ڪڏائي واپس ايندڙ نوجوان فرمان خاصخيلي کي هٽيارن جي زور تي يرغمال بڻائي مزاحمت تي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد ڪائينس 72 هزار روڪ رقم ڦري ڪيس زخمي ڪري آساني سان فرار ٿي ويا، هوڏانهن مزاحمت تي هٽيارنبند راهگير انتظار قريشي تي پڻ فائرنگ ڪئي، واقعي بعد زخمي کي شهداڊپور جي سمس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وڏيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 08

ايس ايچ او شر برادري جي معزز مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري شهر جو امن امان خراب ڪري رهيو آهي، مظاهرين جو ايس ايچ او کي فوري طور تي هٽائڻ جو مطالبو. خبر موجب: ٺري ميرواهه واهه واسي شر برادري جي ماڻهن جو ايڊووڪيٽ مجاهد حسين شر، رئيس امداد حسين شر، وڪيل رفيق شر ۽ فياض شر جي اڳواڻي ۾ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب مليرجي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي مظاهرين صحافين کي ٻڌايو ته ايس ايچ او ٺري ميرواهه بااثرن جي معزز مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حراسان ڪرڻ سان گڏوگڏ شهر جو امن امان خراب ڪري رهيو آهي، ڪجهه ڏينهن اڳ شر ۽ جلباڻي برادري ۽ شر برادري جي ماڻهن وچ ۾ جهيڙو تي پيو هو جنهن ۾ شر برادري جا ماڻهو زخمي ٿيا هئا، افسوس سان چوڻ ٿو پوي ته بااثر جي چرچ تي ايس ايچ او جلباڻي برادري جي ونگار وهندي شر برادري جي معزز مٿان ڪوڙي ايف آر داخل ڪري شر برادري جي معزز مٿان زيادتي ڪئي آهي، هنن جو وڏيڪ چوڻ هو ته شر برادري مٿان داخل ڪوڙي ايف آر اختر ڪري جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسلم شر جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو وڃي، هنن آءِ جي سنڌ، وزير داخلا سنڌ، ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪندي چيو ته شهر جو امن امان بحال رکڻ جي لاءِ فوري طور تي ايس ايچ او ٺري کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ته جيئن شهر جو امن امان قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ انصاف فراهم ڪيو وڃي، پي صورت ۾ احتجاجي دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 09

بيماريون عام ٿي ويون جنهن جون دوائون نه هجڻ ڪري غريب مريض ٻاهرين ميڊيڪل اسٽورن تان دوائون خريد ڪرڻ تي مجبور آهن آيل مريضن ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان غريب ماڻهون آهيون پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ پورا آهيون هتي اچون ٿا ته دوائون نه پيون ملن ۽ ٻاهريان خريد ڪرٽيون پيون پون ۽ ڊاڪٽرن جي به ٻي ڏياڻي آهي جيڪي دوائون اچن پيون اهي غريبن کي ڏيڻ بجاءِ سفارشي ماڻهن کي ڏين پيا ڪير به پڇڻ وارو ناهي هنن ڊي ايڇ او خيرپور، ۽ ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ خيرپور کي اپيل ڪندين چيو ته نوٽيس وٺي جاچ ڪيو وڃي ته دوائون ڪٿي پيون استعمال ٿين

بقايا 10

ڪاليج روڊ تي هٽيارنبندن جي فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار الهورايو پنهور جو پٽ آفتاب پنهور ۽ پاڙيسري مزمل پٽ منظور اوڊٽو گوليو لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو، زخمي ٽينڪر جي والد پوليس اهلڪار الهورايو پنهور جو چوڻ آهي ته سندس پٽ آفتاب پنهور ڪرياڻه جي دوڪان تي ويڻل هو جتي جوابدار محسن پنهور، نثار پنهور ۽ مرتضيٰ ميمڻ فائرنگ ڪئي جنهن ۾ سندس پٽ ۽ گيراڻ زخمي ٿي پيا آهن هنن چيو ته فائرنگ ڪندڙ ڪين عزيز آهن بنا جواز فائرنگ ڪري سندس پٽ ۽ گيراڻ ٽينگر کي گوليون هنيو ويون آهن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ايس ايچ او اي سيڪشن اعجاز مسڻ جو چوڻ هو ته معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون اصل جوابدارن کي جلد قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو واقعو ڏرين ۾ گذريل رات منهن ماري تان پيش آيو آهي.

بقايا 11

جي عدالت پاران عدالتي ڇاپي دوران پوليس پڪٽ محمد خان بروهي تان بازياب ڪرايل 5 جڻن شمن ٽالپر علي حسن ملوڪاڻي بقا سڄڻ فدا انڙ ۽ همت جڪرو کي شهدادپور پوليس گرفتار ڪري قيد رکي تشدد ڪرڻ جي الزامن ۾ ايس ايچ او شهدادپور سميت پوليس پڪٽ جي اهلڪارن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو به ڏينهن اڳ شهدادپور لڳ سانگهڙ روڊ جي پوليس پڪٽ محمد خان بروهي تي سول جج پاران عدالتي ڇاپي دوران 5 جڻن کي بازياب ڪرايو ويو هو ۽ ايس ايچ او شهدادپور ۽ پوليس پڪٽ جي اهلڪارن کي رڪارڊ سميت سيشن جج سانگهڙ جي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو هو جتي آج سيشن جج سانگهڙ جي عدالت ۾ ٻڌڻي دوران عدالت سڪوري ايس ايچ او شهدادپور ۽ اهلڪارن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي.

بقايا 12

ميڙاڪي ۾ نامور صحافي منصور مغيري، حميد سومرو، آغا طارق پٺاڻ، ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب مليرجي صدر حنيف سومرو، اصغر باغي، عرفان عباسي سميت مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ شاعرن، اديبن، صحافين، تعليمدانن ۽ ٻين شرڪت ڪئي، تقريب دوران لفظن جي پيتا پيش ڪندي مقررن چيو ته بيدار جعفري سنڌ جو هڪ جاکوڙي، ايماندار صحافي، استاد ۽ سماج سيوڪ هيو، ان جون ٻاڻڪ ڪان ڪراچي مليرپيري تاثين لازوال صحافتي، سماجي، ديني توڙي علمي ادبي خدمتون رهيون جيڪي تاريخ جو روشن باب آهن. بيدار جعفري سچ پچ ته يتيمن جو يار هو ان لاءِ غريب ماڻهو پنهنجي اولاد وانگي هئا. سندس سپاءُ ائين هوندو هو جهڙو ماءُ جو پنهنجي ٻارن سان پيار هوندو آهي اڪثر ڪري هر دوست کي هڪ ڇمي يا 2 چميون ڏئي وٺندو هو هنن چيو ته ديدار علي عرف بيدار جعفري جي ڪردار تي حقيقي روشني وجهجي ته الله سائين ڪيس اعليٰ مقام تي رسايو آهي، سندس زندگي جا سمورا ڪردار قابل محبت ۽ جس ڏيڻ جي لائق آهن. پروفيسر بيدار جعفري جي قلم رواني ايتري ته مرتزم ۽ جاندار آهي ۽ ان ڪانسواءِ پروفيسر جا مختلف ڪتابن لاءِ پيش ڪيل مهاڳ ۽ مختصر جائزه، مقالا، ساراٽيون، تبصرا ۽ صحافت جي نت نئين روايتن تي مبني نئين ڪان نئين ڄاڻ فراهم ڪرڻ ۾ پروفيسر ديدار عرف بيدار جعفري جو ڪو مٽ ئي نه آهي، هن عمرجي پنڌ تي پهتل شخص ايترو سارو علمي ادبي مواد پيش ڪرڻ بيدار جعفري سنڌي ادب لاءِ ايتري جاکوڙ ڪرڻ سنڌي ٻولي جو اعليٰ مثال آهي، هو صاحب علم هو اردو ليکچرار هوندي به سنڌي ٻولي تي ڪيس مهارت حاصل هئي ۽ سندس شاندار ۽ يادگار ڪارنامو ڪتاب ”ٻاڀه بوند بهار“ آهي جيئڻ جو جتن ڪٽ ۽ رول ماڊل ايماندار ڪرو ۽ سچو انسان هو بيدار جعفري پنهنجي سڄي حياتي سنڌي ٻولي سان محبت ۽ سنڌي ماڻهن سان ڄاهت پري رکي سندس وچوڙي سان هڪ وڏو خال پيدا ٿيو آهي جنهن جو پرڻ شايد ڏکيو آهي. تقريب ۾ مرحوم بيدار جعفري جي نياڻي جو چوڻ هو ته اُن پنهنجي والد کي هڪ دوست جي روپ ۾ ڏٺو جنهن هميشه سندس حوصلي ۽ همت کي همٿايو ۽ ڪڏهن محسوس نه ڪرائين ته هو هڪ پيءُ ٿي ڪري پنهنجي نياڻي کي درس ڏئي رهيو آهي يا هڪ دوست تي ڪري اهڙا آئيڊيل والد شايد ڪنهن نصيب ۾ مليندا هجن، والده سان گهاريل آخري اسپتال ۾ گهاريل لمحا هميشه ياد رهندا ان بيماري واري حالت ۾ اسپتال ۾ داخل ٻين مريضن کي پڻ همٿايو ۽ کين زندگي جا بقايا ڏينهن خوشي سان گذارڻ ۽ ڪلندي موت قبول ڪرڻ جا درس ڏيندو رهيو ۽ اها نياڻي گهڙي ان وقت پيش پهتي جنهن مهل بابا پنهنجون اکيون پوٽيون ۽ هن دنيا کي الوداع ڪيو سندس ان آخري چهري جي جهلڪ ڪڏهن وسرڻ واري نه آهي جنهن مهل هو خالق حقيقي سان ملڻ وارو هو ۽ سندس چهرو مهڪندڙ ۽ مرڪندڙ هو. تقريب دوران سنڌ جي نامياري شاعر شبير لاکو پٽائي جي وائي پيش ڪئي جڏهن ته تنبوري نواز پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو . تقريب ۾ سياسي سماجي، ادبي، صحافي توڙي مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن سميت بيدار جعفري جي شاگردن پڻ وڏي اڳڻ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 13

جواب تيار ڪري ورتا آهن. حڪومتي ڳالهين واري ٽيم تحريڪ انصاف جي مطالبن تي شق وار جواب تيار ڪيو آهي. ذريعن موجب حڪومت طرفان لڪت جي جواب ۾ چيو ويو آهي ته 9 مئي جي واقعن تي جوڊيشل ڪميشن ٺهڻ ٻڌيڪي سگهي. جوڊيشل ڪميشن اهڙو معاملو ۾ ٻڌجندو آهي جيڪو عدالت ۾ بحث هيٺ نه آهن. 9 مئي ڪيسز عدالتن ۾ آهن. ڪجهه جوابدارن کي ملٽري ڪورٽس مان سزائون به ملي چڪيون آهن. ذريعن ٻڌايو آهي ته حڪومت جي لڪت واري جواب ۾ پي پي آءِ کي چيو ويو آهي ته 26 نومبر بابت گم ٿيل ماڻهن جي فهرست ۽ گرفتار ماڻهن جا تفصيل فراهم ڪيا ويندا. گرفتار ماڻهن جا نالا تفصيل نه ملڻ تائين انهن کي آزاد ڪرڻ جي لاءِ ڪيئن قدم کڻي سگهجي ٿو. ذريعن موجب حڪومتي جواب ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ جي دعويٰ آهي ته فوٽيگيون ٿيون انهن جا به تفصيل فراهم ڪيا وڃن. حڪومتي ڪميٽي ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي پنهنجا لکت جا جواب پيش ڪندي. اسپيڪر حڪومتي جواب ملڻ تي ڳالهين جي لاءِ چوٽون اجلاس گهرائڻ جو فيصلو ڪندو. ياد رهي ته حڪومت ۽ تحريڪ انصاف جي ڳالهين واري ڪميٽي جي ٽئين اجلاس ۾ پي ٽي آءِ لکت ۾ مطالبا حڪومت کي پيش ڪيا هئا جنهن ۾ 9 مئي ۽ 26 نومبر جي واقعن تي جوڊيشل ڪميشن کان علاوه عمران خان سميت ٻين پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو به ڪيو ويو هو.

بقايا 14

سولنگي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. ڪورٽ سڪوري ۾ صحافي فياض سولنگي اڪين مان ڳوڙا وهائي روئي پنهنجي بيان ۾ چيو ته مونکي نامعلوم ماڻهو ڳوٺ ٻاهران اغوا ڪري ويا هئا. جنهن بعد پوليس ڪشمور جي علاقي جمال مان مون کي بازياب ڪرايو آهي. جنهن بعد مونکي پوليس پريشر ڏئي اهڙو بيان ڏياريو ويو. هن وڌيڪ چيو ته مونسان انصاف ٿئي، جڏهن ته سوپوڊيرو پوليس پاران ڪورٽ سڪوري کان 14 ڏينهن جي ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي. جنهن بعد ڪورٽ سڪوريءَ صحافي فياض سولنگي کي ٽي ڏينهن جي ريمانڊ تي سوپوڊيرو پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. واضح رهي ته گذريل رات دير سان سوپوڊيرو ٿاني تي سرڪار جي فرياد تي سندس ۽ ٻين چئن جڻن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ پوليس ڄاڻايو آهي ته صحافي فياض سولنگي ۽ ٻين جويدارن اغوا جو ڪوڙو ڊرامون رچائي، مخالفن کي ڏمڪايو حراسان

بقايا 15

تقريب منعقد ڪري قومي ۽ انقلابي گيتن سان ويتا پيش ڪئي وئي. اڳواڻن گلن جي چادر چاڙهي سنڌي قوم جي قائد کي سلامي ڏني. سالگرهه تقريب ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي عورتن به وڏي اڻڪ ۾ شرڪت ڪئي. نون ڪئالن ۽ سنڌ جي زمينن تي قبضن خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي. ڪينجهر ۽ هاليجي ڊنڊ تي قبضن خلاف به نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي حوراالنساءِ پليجو، علي محمد پرويز، مٺا خان لاشاري، شاه محمد چانگ، الله بخش بلوچ، عزيز ميمڻ، سلم لاشاري، دريا خان زنور هاري تحريڪ، خالق گندرو، انور پالاري، بلال لاشاري، گهنور خان زنور، غلام علي زنور SST، حميد خشڪ SBT، عزيز ميمڻ، مارو خشڪ، پليجو صاحب جي فرزندن جميل پليجو، سليم پليجو، مسعود پليجو، رياض عباسي ۽ ٻين چيو ته رسول بخش پليجو صاحب سنڌو درياهه جو وڪيل هو، سنڌو درياهه جا وهڪرا روان دوان رکڻ لاءِ هن سنڌ جي جهر جهنگ ۽ سجاڳي ڦهلائي، ڪالا باغ ڊيم خلاف ۽ ٻين اهم مسئلن تي پليجي صاحب جي اڳواڻي ۾ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ لانگ مارچون ڪيون. اڳواڻن چيو ته پليجو صاحب سنڌ جو محافظ هو هن سنڌو درياهه جو شاندار ڪيس وڙهيو، پليجي صاحب سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ گهڻ طرفي جدوجهد ڪئي، اڄ به هن جون تقريرون ۽ لکڻيون سنڌي عوام کي همت ۽ حوصلو ڏئي رهيون آهن. اڳواڻن چيو ته رسول بخش پليجي صاحب جو فڪر سنڌي عوام لاءِ نجات جو فڪر آهي. پليجي صاحب جي جوڙيل عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ سنڌ جي اهم مسئلن تي پليجي صاحب جيان جدوجهد ۾ سڀ کان اڳيري آهي. عوام جي جدوجهد جي صورت ۾ رسول بخش پليجو اڄ به زنده آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته چهه نون ڪئنال جا منصوبا سنڌي عوام کنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندا، چهه نون ڪئنال سنڌو درياهه سڪائڻ جي سازش آهن.

بقايا 16

جي اوطاق لڳ ماچي ڳوٺ ۾ پراسرار نموني 7 گهرن کي باه وڪوڙي وئي ، باه لڳڻ سبب هڪ 80 ورهيون جو پيرسن حسين ماچي سڙي فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته 2 مينهون 4 ٻڪريون پڻ سڙي مري ويون آهن جڏهن ته گهرن ۾ پيل ڪتون، هنڊ ، بسترا، اناج ۽ ٻيو ضروري سامان پڻ سڙي رک ٿي ويو آهي اطلاع تي فائيرگيڊ عملو ۽ گوٺاڻا باه وسائڻ ۾ مصروف آهن پر باه تي ضابطو اچي نه سگهيو آهي

بقايا 17

جي ملازم اڪرم خشڪ جي نوجوان پائٽ سيف الله عرف بابو خشڪ ولد غلام مصطفيٰ خشڪ نٿي شهر ۾ پنهنجي گهر ۾ مبينا طور پاڻ تي پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو نوجوان کي سول اسپتال مڪلي نيو ويو. جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، جنهن بعد سندس لاش پوليس ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو. لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته خود ڪشي جو ڪارڻ معلوم ٿي ناهي سگهيو. پوليس وڌيڪ جانچ جاري ڪري ڇڏي اهي. ٻئي طرف خودڪشي ڪندڙ نوجوان سيف الله عرف بابو خشڪ جي چاچي محمد اڪرم خشڪ ٻڌايو ته سندس پائيٽو ڪجه ڏينهن کان ڪافي سخت ذهني دباءُ جو شڪار هو خبر ناهي ته هن اهڙو قدم چو ڪنيو. سندس اهڙي قدم ڪڻڻ سان اسانجو گهرڻي اج�ي ويو آهي.

بقايا 18

خيالن جو اظهار قومي عوامي تحريڪ ضلع دادوجي صدر نالبواري وڪيل مير ڪوسو، جنرل سيڪريٽري سومر چانڊيو، خيرپور ناٿن شاه پريس ڪلب جي صدر يونين آف جرنلسٽس ضلعه دادو جي جنرل سيڪريٽري قربان علي ڳڪهيو پي اين تي اڳواڻ عيسا چانڊيو، ايس يو پي، اڳواڻ غلام محمد گاڏهي، وڪيل جاويد، ڪامريڊ حسين لغاري عمران لاڪير خادم سومرو ۽ ٻين اڳواڻن ايشاجي عظيم ڏاهائي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه رسول بخش پليجو جي 95 سالگرهه واري موقعي تي چانڊيا هائوس تي منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو سڄاڳ نه ٿيا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي رسول بخش پليجو هر دور ۾ درياهه بچاڻ لاءِ گوٺ ڳوٺ شهر شهر وڃي ماڻهن کي سڄاڳ ڪيو آهي هاڻي به نوجوانن کي سڄاڳ ٿيڻ سان سنڌ جو پاڻي ڪپائيندڙ پارٽي سربراهه آصف زداري جو گهيرو تنگ ڪري ان جي منافقي ظاهر ڪنداسين اڳواڻن چيو ته سنڌ جو واحد اڳواڻ رسول بخش پليجو جنهن جي عورتن کي شعور ڏئي سياسي ميدان لٿاڻو جنهن سڀ کان پهريان پليجو پنهنجي گهر کان شروعات ڪئي ۽ پنهنجي نياڻي کي ميدان ۾ لاڻو جنهن جيل جون سختيون پڻ برداش ڪيون اهوئي سبب آهي جو اڄ سنڌ جون نياڻيون مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي 6 ڏڻيل ڪئينال سيمت هر سنڌ دشمن منصوبن خلاف جاکوڙ ڪري رهيون

بقايا 19

سيڪريٽري محمد يوسف اڳوڻي صوبائي وزير ميرغالب ڏومڪي مٿان حملي ۽ سنڌن ٻن ڳارين جي شهادت واري واقعي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت جي ناهلي ۽ پوليس جي ناڪامي جي ڪري سموري سنڌ بدامني ۽ ڏاڙيل راج جي ٻاهه ۾ ٻري رهي آهي. حڪومت ڏاڙيلن توڙي سنڌن سهولتڪارن خلاف بنا فرق جي آپريشن ڪري امن امان جي بحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن اج هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته امن امان جي نالي تي هرسال اربين روپين جي بجيٽ، وزيرن، مشيرن توڙي ترجمانن جي فوج رکڻ باوجود سنڌ جو عوام غير محفوظ ته ٻي طرف سنڌ جي پاڻي تي ڏاڙي ۽ وسيلن جي ڦرلٽ جاري آهي. جعلي حڪومت ۽ فارم 47 جي پيداوار حڪومت نه بلڪ حقيقي جمهوري قيادت ئي اسلام آباد ۾ سنڌ جو مقدمو وڙهي ڪان امن امان جي قيام لاءِ قدم ڪٽي سگهي ٿي.#

بقايا 20

تي منگيا موري پل وٽ ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي تي پٽي ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿيڻ سبب ڳوٺ احمد شريف گبول واسي ٽريڪٽر ڊرائيور غلام حيدر پٽ الهڏنو گبول ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي ويو جنهن کي علاقي واسين پاران فوري طور تي ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان ڪڍي اسپتال نيو پٽي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ٻڌايو پيو وڃي ته ٽريڪٽر ڊرائيور ڪمند سان پريل ٽريڪٽر ٽرالي ٻانڌي شڪر مل ڪاهي وڃي رهيو هيو ته منگيا موري پل وٽ ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي تي پٽي جنهن سبب ڊرائيور غلام حيدر گبول فوت ٿي ويو

بقايا 21

ويل دهشتگرد ڏاڙيل نادر ميراڻي جو لاش ڳوٺ سلطان ڪماڻي مان هٿ ڪري ورتو. علاقي کي پوليس جو ڪڙوڪزريل رات شڪارپور جي علاقي فيضو وڃهه دهشتگرد ڏاڙيلن چيف سردار غالب حُسين ڏومڪي جي ويڳو گاڏي مٿان ڪاهه ڪري سڌي فائرنگ ڪئي هُئي، جنهن ۾ سالار ۽ مهر علي ڏومڪي موقعي تي شهيد ٿيا هئا، ٻئي پاسي سموري ڪشمور ضلعي ۾ سوڳوار ماحول چانئيل آهي. شهيدن جي جنازي نماز پڻ بخشاپور شهر ۾ ٿي وئي. وڏي اڻڪ ۾ ڏومڪي برادري سميت ڳوٺائن ۽ ڪشمور واسين جي شرڪت، ڏک واري ماحول سبب سمورو شهر بند رهيو. المناڪ واقعي خلاف تعزيتي سلسلو پڻ جاري آهي

بقايا 22

چيئرمين منظور رضي، مرڪزي جنرل سيڪريٽري محمد نسيم رائو پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته قومي ادارا حڪومت طرفان پاڪستان ريلوي جي نجڪاري واري فيصلي کي رد ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ يونين پاران ڪالهه راولپنڊي ۾ احتجاجي گڏجاڻي ڪري باقاعدي جدوجهد جي شروعات ڪئي وئي آهي. ريلوي ورڪرز يونين پاران ريلوي جي نجڪاري خلاف ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ملڪ گير احتجاج شروع ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت اداري کي سرمائيدارن تي وڪڻڻ بدران مثبت قدمن ۽ سٽارن ذريعي ان کي منافعي بخش ۽ مثالي ادارو بڻائي ته جيئن قومي ادارا ملڪي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ به يونين حڪومت ۽ ادارن جي سربراهن کي ريلوي کي منافعي بخش بڻائڻ لاءِ تجويزون پيش ڪيون، جنهن تي ڪيترائي پيرا ڳالهيون ڪيون ويون پر ان تي عمل نه ڪيو ويو.

بقايا 23

احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن دانهنيندي چيو ته جاڻايل گيس فيلڊ انتظاميه گذريل 14 هن سالن کان مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ بند ڪري، پٽيڻ جي صاف پاڻي، صحت، تعليم، روڊن رستن جي سهولتن کان محروم رکيو آهي جيڪو سراسر اسان سان ظلم ۽ ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ رکي مڪمل طور تي اسان کي نظر انداز ڪرڻ جي منصوبابندي ڪئي وئي آهي. هنن ٻڌايو ته اسان جي زرعي زمينن ۾ گيس فيلڊ قائم آهي جتي هاري پورهيت ۽ غريب طبقو بي روزگار بنجي ويو آهي. جتي پڻ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ پٽيوالو به ڏاريو پرتي ڪيو ويو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان ٻيروڪاري کان تنگ آڻي مجبور تي پي پي ايل 3 فيلڊ آڻيان روزگار ۽ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ نڪري آيا آهيون

بقايا 24

قهرام مچي ويو، نصيرآباد لڳ ڳوٺ گولو ڳنواس جو نوجوان 18 سالا فرحان پٽ شوڪت علي ساند ڪهرو اٿبٺت تان گهر ۾ پيل ٻٽري جو زهريلو پاڻي ڇڏيو جنهن کي وارثن نصيرآباد رورل هيلٿ سينٽر کان گهٽتي جو

تعلقي اسپتال ڪي اين شاهه جي عملي ۽ صحافين پاران واپارين سميت هڪ ٻئي خلاف مظاهرا

صحافي راجا رجب علي ڪونهاري جي اڳواڻي ۾ واپاري ايم ايس ۽ ٻي عملي خلاف رستن تي اچي ويا

پٽ ڪي اسپتال ڪٽي ويس تہ ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر علاج ڪرڻ بدران خالي واپس ڪيو:صحافي

تعلقي اسپتال انتظاميا جي نااهلي سبب مريضن علاج لاءِ دربدر ٿيل آهن: واپارين جي دانهن

تعلقي اسپتال جي عملي جو ڊاڪٽرسان بدتميزي ٿيڻ خلاف اسپتال جي گيٽ اڳيان احتجاج، نعريبازي

صحافي ڪي اداري مان نيڪالي ڏني وڃي، ٻي صورت نجي ٽي وي جي مالڪ خلاف بہ عدالت ويندا سين: طبي عملو

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) تعلقا اسپتال ڪي اين شاهه جي ڊاڪٽر ۽ صحافي وارو مامرو تعلقہ اسپتال ڪي ايم ايس پنهنجي ذاتي جاگير سمجهندڙ ۽ ايمرجنسي ڊيوٽي ڊاڪٽرن خلاف سينيئر صحافي محمد حسن ڪوسو /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

خيرپورناٿن شاهه: تعلقي اسپتال جو عملو احتجاجي مظاهرو ڪري رهيو آهي ٻئي پاسي صحافي واپارين سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڏهرڪي ۾ چوري الزام ۾ نينگري والدين سميت گرفتار، نينگري ۽ امڙ آزاد، بااثر خلاف احتجاج

سيٺ رميش لال گهرمان سون ۽ رقم چوري ڪرڻ جي الزام ۾ نينگري،امڙ ۽ والد کي گرفتار ڪرايو

پوليس نينگري ۽ امڙ کي سامان واپس ڪرڻ جي شرط تي آزاد ڪري ڇڏيو، متاثرين پاران الزام رد

ايس ايچ او بااثر جي ونگار وهي پيو، غريب آهيون ايتري رقم ڪٿا آڻيندا سين:مائي بيبي جي دانهن

ڏهرڪي (رپورٽ وڃي ڪمارچاولا) ڏهرڪي جي داد روڊ واسڻ متاثر عورت بيبي آوڙ پنهجي معصوم ٻارن ۽ گهر پاتين سان گڏجي ميڊيا/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

سيئارجا: پيرسن عورت پاڪ ڪتاب کڻي پٽ خلاف دانهي رهي آهي

پٽ ملڪيت تي قبضي لاءِ تشدد ڪري ٿو:زڪيہ منگڻيجو

زمين جو حصو سيني ڪي ورهائي ڏنو آهي، عزيز احمد جئيڻ جنجال ڪيو آهي

سڳيون پوليس شڪايتن جو تدارڪ نہ ٿي ڪري، انصاف ڏنو وڃي: ڳوٺ خذر خان واسڻ

سيئارجا (اشفاق احمد شيخ) ڳوٺ خذر خان منگڻيجو جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

جي يو آءِ تعلقي نصير آباد جي مجلس شوريٰ جو اجلاس

ختم نبوت ڪانفرنس جي ڪاميابي لاءِ ڪميٽيون جوڙيون ويون

اجلاس ۾ نئون ٽيڪسي اسٽاپ ٺاهڻ سميت ٻين معاملن تي غور ٿيو

نصيرآباد. (رپورٽ آعظم ٽڳڙ) جمعيت علماءِ اسلام /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

نصيرآباد ۾ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي جي 95 هين سالگرهہ جي تقريب

رسول بخش سنڌو درياهہ جو وڪيل هو، هن سنڌ جي جهر جهنگ ۾ سجاڳي ڦهلائي:جمال چانڊيو

پليجي سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ گهڻ طرفي جدوجهد ڪئي، هن جون تقريرون ۽ لکڻيون عوام کي همت ۽ حوصلو ڏين ٿيون: شبير ٻڌ

مرحوم رسول بخش پليجي جو فڪر سنڌي عوام لاءِ نجات جو فڪر آهي: ذوالفقار ڪانڌڙو ۽ ٻيا

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽڳڙ) ايشيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ، عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي صاحب جي 95هين سالگرهہ /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

نصيرآباد: عوامي تحريڪ پاران سربراهہ رسول بخش پليجي جي سالگرهہ تقريب جو ڏيک

سنڌهاءِ ڪورٽ ٽرين رائيڊ حادثي ڪيس ۾ سفاري پارڪ انتظاميا ۽ ڪي ايم سي ڪي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) مقامي عدالت سفاري پارڪ ۾ 2013ع دوران ٽرين رائيڊ حادثي ڪيس ۾ زخمي شهري سفاري پارڪ انتظاميا ۽ ڪي ايم سي خلاف هرجاڻي ڪيس جي ٻڌڻي. عدالت ڌرين کي 11 فيبروري جا نوٽيس جاري/ڏسو صفحو 2 بقايا 6

دادو ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو سنڌ سرڪار پاران نوڪرين ڏيڻ لاءِ عمر جي حد گهٽائڻ خلاف ريلي

سنڌ سرڪار عمر جي حد گهٽائي شاگردن جو معاشي قتل عام ڪري رهي آهي: شفقت علي شاهہ

ملڪ جي ٻين صوبن ۾ عمر جي حد 40 سال آهي، 70 سال وارا سياستدان نوجوانن جي مستقبل جو فيصلو ڪن پيا:ارم عباس

نوڪري ڏيڻ لاءِ عمر جي حد وڌائي بيچيني دور ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو:روزينہ جتوئي

دادو (ڊ ر) سنڌ حڪومت پاران نوجوانن کي نوڪري ڏيڻ لاءِ عمر جي حد گهٽائڻ، 5 کان 15 گريڊ جي ٽيسٽ وٺڻ باوجود نوڪرين نہ ڏيڻ ۽ فوتي ڪوٽا بند ڪرڻ خلاف دادو ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران هٿن ۾ پلي کارڊ کڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

نيوسعيدآباد: قتل جي الزام هيٺ گرفتار جوابدار

گهوٽڪي پوليس جون ڪارروايون، 10 اشتهاري گرفتار

جوابدارن جي قبضي مان 4 بغير لائسنس پستول، ميگزين ۽ 16 گوليون هٿ

22 آديا شراب ۽ پان پراگ جي 4 هزار پڙيون پڻ برآمد ڪيون ويون

گهوٽڪي(رپورٽ حاجي محمد مهر) گهوٽڪي ٽائواي سيڪشن پوليس جو ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري./ڏسو صفحو 2 بقايا 8

ڪراچي جا نوجوان هنري سڪيا وٺي ناٽو ڪمائين: ارسلان پرويز

نوجوانن کي پنهنجو ٽيلينٽ ظاهر ڪرڻو ۽ پاڻ مجرائڻو پوندو

ايم ڪيو ايم پاڪستان بغير رنگ نسل جي عوام جي خدمت ڪري پئي: ڳالهيون

ڪراچي اوپر (ن پاڪ) ڪراچي جا نوجوان هنري سيڪيا وٺي ڪري پنهنجي صلاحيتن ڪي اجاگر ڪرڻ سان سٺو ناٽي ڪمائي سگهن ٿا اهڙو اظهار /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

راڌڻ پوليس جي زيادتين خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

متاثر ڳوٺاڻن امتياز چنو انيدچنو اشرف چنو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پوليس خلاف دانهيو

پوليس فرار ٽيل قورن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ڏمڪيون ملي رهيون آهن: زخمي امتياز چنو

قرٽيل رقم واپس ڪرائي اسان کي تحفظ فراهم ڪري جوابدار کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي: مطالبو

ميهڙ (رپورٽر) 4ڏينهن اڳ ميهڙ پرسان راڌڻ ٽائي جي حد ٻيٽو روڊ صلاح جتوئي اسٽاپ تي هٿياربندن پاران مال جي واپاري امتياز چنو ۽ سندس پاءُ منظور چنو کان 275000 قرڪرڻ ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

سنجهورو: ناري جو لاش واقعي واري هنڌ پيل آهي

رسول بخش پليجو سنڌ جي مظلوم عوام جو آواز هو: دادو ۾ تقريب

رسول بخش پليجي جو فڪر سنڌي عوام لاءِ نجات جو فڪر آهي

دادو(ڊ ر) ايشيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ، عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي جي 95هين سالگرهہ جي مناسبت سان عوامي تحريڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

سنجهوري پرسان ناري جو ٻوري بند لاش هٿ، ٻاءُ پاران سيجاڻپ

ديهہ 13 جمڙائو ۾ عظيمہ بڪٽي جو سسي کان ڌار لاش هٿ آيو

پيٽ کي مڙس وٺي ويو هو(ٻاءُ جو بيان) مڙهہ ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل

سنجهورو (رپورٽ خان محمد لنڊ) سنجهورو ڪڏرو ٽائي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

نوشهرو فيروز ۾ گندگي خلاف مختلف سياسي، سماجي تنظيمن جو احتجاج

مختلف سياسي سماجي تنظيمن آل پارٽيز الائنس جي سڏ تي ايم يونس راڄپر جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن جي لاپرواهي سبب شهر جا 16 وارڊ گندگي جو ڍير بڻجي ويا آهن: ايم يونس

مين چوڪ ۽ هيٺائين وارا علائقا، قبرستانن ، اسڪولن ۽ مسجدن سامهون ڊرينيج جو گندو پاڻي بيٺل آهي: خادم سيال ۽ ٻيا

نوشهرو فيروز(ڊ ر)نوشهرو فيروز ۾ گندگي خلاف مختلف سياسي، سماجي تنظيمن جو احتجاج، خبر موجب نوشهرو فيروز ۾ وڏندڙ گندگي، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم، رينج مشين نہ ڏيڻ، ويز سسٽم ۽ ڪرپشن خلاف مختلف سياسي/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

نوشهروفيروز: سياسي سماجي تنظيمون آل پارٽيز الائنس جي سڏ تي گندگي خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن پاران تيار ڪيل پروجيڪٽ نمائش لاءِ چونڊجي ويا

خيرپور (ڊ) مهراڻ يونيورسٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيمپس خيرپور ۾ فائنل ائيرجي شاگردن پاران تيار ڪيل پروجيڪٽ سنڌ ريسرچ اينڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

نصيرآباد نوجوان اتحاد جي نئين چونڊيل بادي حلف کڻي ورتو

نئين چونڊيل بادي پاران شهر جي مسئلن تي جدوجهد ڪرڻ جو اعلان

حلف برداري تقريب ۾ سياسي سماجي اڳواڻن،صحافين ۽ ٻين ڌرين جي شرڪت

نصيرآباد (رپورٽ آعظم ٽڳڙ) نوجوان اتحاد نصيرآباد سال 2025 جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب جو پروگرام شاهہ لطيف پبلڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

اوباوڙو جي عدالت جوابدار کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ماڊل ڪورٽ قتل ڪيس جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي اربيلو ڪوش کي سزا ٻڌائي

عدالت جوابدار تي ٻہ لک روپيا ڏنڊ بہ مڙهيو، سزا بعد اربيلي کي جيل منتقل ڪيو

ڏهرڪي (رپورٽ وڃي ڪمارچاولا) اوباوڙو ايڊيشنل شيشن ماڊل ڪورٽ جي جج قمرالدين عباسي پاران جوابدار اربيلو ڪوش کي قتل جو /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

جمال شاهہ لڳ ڳوٺاڻن جو داروغي ۽ ايس ايچ او خلاف احتجاج

داروغي اسان جي زرعي زمينن جا وڻ وڪرو ڪيا، ٽي ڀٽا پڪڙي پوليس کي ڏنا:ڳوٺاڻا

پوليس جوابدارن کي ڇڏي ڏنو، ايس ايچ او ڏمڪائي رهيو آهي: پير بخش چانڊيو

جمال شاهہ (احسان جمالي)جمال شاهہ پرسان ڳوٺ مراد علي چانڊيو جي رهواسين پير بخش چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ايريگيشن ڪاٽي جي داروغي ۽ ايس /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

جمال شاهہ: ڳوٺاڻا داروغي ۽ ايس ايچ او خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ ٽي ايل پي جي ڪارڪنن لاءِ تربيتي گڏجاڻي، ضلعي جي اڳواڻن جي شرڪت

سنڌو ندي مان ڪئنال ڪڍڻ سنڌ سڪائڻ جي سازش آهي: يحييٰ قادري

سنڌو درياهہ مان ڪينال ڪڍڻ بند ڪيا وڃن: صوبائي اڳواڻ جون ميڊيا سان ڳالهيون

دادو(ڊ ر) تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي صوبائي اڳواڻ صوفي يحييٰ قادري جي اڳواڻي ۾ دادو ضلعي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن لاءِ تربيتي گڏجاڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

نصير آباد ۾ شهري جي گهر کي باهہ، لوڊر سڙي رک

محرم علي ڪلهوڙي جي گهر کي اوچتو باهہ وڪوڙي وئي

جي يو آءِ سٽي اڳواڻ باهہ متاثرين وٽ پهتا، تفصيل پڻ ورتا

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽڳڙ) گذريل رات دير سان گورنمينٽ گرلز هاير سيڪنڊري اسڪول ۽ پراڻي ڪورٽ جي پٺ واري گهٽي ۾ محرم علي ڪلهوڙو جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

قلجي اسٽيشن ۾ بدامني وڌي وئي، هفتي ۾ 5 موٽرسائيڪلون ڦر

پوليس شهر ۽ پرپاسي بدامني تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام

پوليس صرف غريبن کي تنگ ڪري پئي، ڏوهارين رڙ ٻاري ڏنو آهي: رهواسي

قلجي اسٽيشن(ن پاڪ) قلجي اسٽيشن پوليس ٽائي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي چورين ۽ ڦرن جون وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون/ڏسو صفحو 2 بقايا 23

گڏاپ پريس ڪلب جي چونڊ، ميرعلي گوهر بلوچ چيئرمين چونڊجي ويو

صحافي پورهيت مظلوم ۽ پيڙهيل طبقن جو ترجمان آهي:اڳواڻ

صحافت عظيم پيشو آهي صحافي معاشري جو آئينو آهي: نثارجان لاشاري ۽ ٻين جو خطاب

گڏاپ(ن پاڪ) گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي 2025 جي اليڪشن چيف اليڪشن ڪمشنر نثارجان لاشاري اليڪشن ڪمشنر ميرعلي گوهر/ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڏهرڪي لڳ پوليس جي ڪارروائي، بجلي جون تارون هٿ

گهوٽڪي جي بي سيڪشن پوليس ڳوٺ صوبدار لنجار تي ڇاپو هنيو

ڇاپي دوران چوري ٽيل بجلي جون تارون ۽ ڪئنچي پڻ هٿ ڪئي وئي

ڏهرڪي گهوٽڪي (رپورٽ وڃي ڪمارچاولا عبدالحئي مير) گهوٽڪي بي سيڪشن پوليس جي ڪارروائي، ڳوٺ صوبدار لنجار مان چوري/ڏسو صفحو 2 بقايا 21

دادو جي استاد بخاري ڪاليج ۾ راندين جو هفتو، ڪرڪيٽ ميچ

11 ۽ 12 درجي جي ٽيمن وچ ۾ ميچ ڪيڏيو ويو،12 درجي جي ٽيم 148 رنسون ناهيون

يارهين درجي جي ٽيم 12 اوورن ۾ 101 رنسن تي ڍير ٿي وئي

دادو (ڊ ر) دادو جي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ راندين جو هفتو ملهائڻ جي شروعات ڪرڪيٽ سان ڪئي وئي، پروفيسر عبدالسليم سولنگي/ڏسو صفحو 2 بقايا 20

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ضلع مٽياري جي نئين بادي چونڊي وئي

اسان صحافين سان هر موڙ تي ڳڏ بيٺا آهيون: خالد ڪوڪر

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس قلم ڏڻين لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: خطاب

ٽنڊو الهيار (ن پاڪ) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ضلع مٽياري جون چونڊون سينيئر صحافي الطاف ميمڻ صدر ۽ رياض چانڊيو جنرل سيڪريٽري/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ٽنڊو الهيار: يونين آف جرنلسٽس ضلعي مٽياري جي چونڊيل عهديدارن جو گروپ فوٽو

نيوسعيدآباد پرسان مڙس زال کي ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري وڃي، گرفتار

ڳوٺ مراد ڪلهوڙو واسي لياقت ڪلهوڙو زال شهناز تي مڇرجي پيو، حالت نازڪ

پوليس جوابدار کي پڪڙي واردات ۾ استعمال ٿيل ڪهاڙي کي هٿ ڪري ورتو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد ويجهو ڳوٺ مراد ڪلهوڙو جي رهائشي لياقت پٽ ڪندو ڪلهوڙو سندس زال شهناز ڪلهوڙو/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ملڪ جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي: شفقت علي شاهہ

بجلي ۽ گئس جي بلن عوام جو جيئڻ حرام ڪيو آهي

حڪمرانن کي عوام جو سوچڻ گهرجي: سماجي اڳواڻ جون ڳالهيون

سڪر(بيورو رپورٽ) ممتاز سياسي سماجي اڳواڻ ايڊوڪيٽ سيد شفقت علي شاهہ سڪر آفيس ۾ سڪر ضلعي جي مختلف علائقن جي معززين/ڏسو صفحو 2 بقايا 17

درياهہ مان ڪئنال ڪڍڻ نہ ڏيندا سين: اياز ٻرڙو

پ پ هميشہ سنڌ دشمن منصوبن جي مخالفت ڪئي آهي

سنڌو درياهہ سنڌ جي ماڻهن جي زندگي آهي: پ پ يوٿ اڳواڻ

سڪر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز يوٿ سڪر جي ضلعي صدر اياز ٻرڙو چيو آهي تہ ڪجهہ بہ ٿئي سنڌو درياهہ مان واهہ ڪڍڻ واري منصوبي/ڏسو صفحو 2 بقايا 16

سنڌو ڪرڪيٽ ڪلب نصيرآباد جي ٽيم فائنل کٽي ورتو

فائنل مقابلي ۾ ٽيم رائيزنگ اسٽار وارهہ کي شڪست ملي

خاص مهمان عبدالغفار تنيو، مدثر علي ڪهاوڙ ۽ ٻين انعام تقسيم ڪيا

نصيرآباد.(رپورٽ آعظم ٽڳڙ)نصيرآباد شهر ۾ سنڌو ڪرڪيٽ ڪلب نصيرآباد پاران باز مصطفيٰ ڏهر جي نگراني هيٺ هاردِ بال جي ٽورنامينٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

شهدادپور ۾ آبپاشي ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

وحيد ڪاڪا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايريگيشن جي مين گيٽ اڳيان ڌرڻو

مطالبن کي منظور نہ ڪيو ويو تہ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

شهدادپور(ن پاڪ) آبپاشي پورهيت يونين هالا ڊويزن جي صدر وحيد ڪاڪا جنرل سيڪريٽري رضوان ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نواب شاهہ نصرت ڊويزن جي ايريگيشن آفيس جي مين گيٽ آڏو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

شهدادپور: آبپاشي ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

شهدادپور پرسان ڳوٺ علي محمد نظاماڻي ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

شهدادپور(ن پاڪ) شهدادپور ويجهو چودڳي پرسان ڳوٺ علي /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

سڪر واسي جي چوري ٽيل موٽرسائيڪل واپس نہ ٿي، احتجاج

سڪر(بيورورپورٽ) سڪر جي رهواسي هزارو خروس چوري /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

خيرپور ۾ هاڪي ايونٽ جون مئچون جاري، مهراڻ ڪلب فائنل لاءِ ڪواليفاءِ ڪري ورتو

خيرپور (ڊ) پاڪستان هاڪي فيڊريشن ۽ سنڌ هاڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا 31

سيوا ڊولپمينٽ ٽرسٽ پاران آرٽي آءِ قانون جي آگاهي بابت تقريب ڪرائي وئي

خيرپور (ڊ) سيوا ڊولپمينٽ ٽرسٽ پاران خيرپور ضلعي جي نوجوانن کي سنڌي صوبي ۾ لاڳو ٿيل /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

ناري رضوانہ بازياب نہ ٿي، اغوا الزام ۾ گرفتار ٿيل ڊسپينسر رماندڙ تي پوليس حوالي

ناري جي والد رمضان سهيبجو جي فرياد تي ڊسپينسر عدنان لاڪي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

مبينا جوابدار عدالت ۾ پيش، عدالت پاران جوابدار کي ٽن ڏينهن جي رماندڙ تي پوليس حوالي ڪيو

مبينا اغوا ڄاڻايل ناري رضوانا سهيبجو جي بازيابي لاءِ مختلف رخن کان جاچ ڪيون پيا: پوليس

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) ڪجهہ ڏينهن اڳ نيوسعيدآباد پوليس اسٽيشن تي هڪ شادي شده ناري عمر اٽڪل 18/19 سالا رضوانا زال حب علي سهيبجو جي گم ۽ اغوا جي ايف آئي آر انجي والد رمضان سهيبجو داخل/ڏسو صفحو 2 بقايا 34



ڪبريٰ خان پاران پنهنجي شادي بابت خبرن جي تصديق

من موهڻي اداڪاره ڪان هڪ تقريب ۾ شادي بابت سوال ڪيو ويو

جي ها! منهنجي فيبروري ۾ شادي ٿي رهي آهي: اداڪاره

ڪراچي (شوبز نيوز) من موهڻي اداڪارا ڪبريٰ خان پنهنجي شادي بابت خبرن جي تصديق ڪري چڏي. ڪبريٰ خان ۽ گوهر رشيد بابت /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

شهدادپور ۾ شهري کان موٽرسائيڪل ۽ موبائيل ڦر

موٽرسائيڪل سوارن امداد جوڻيجي کي يرغمال بڻايو

واقعي جي رپورٽ داخل، جاچ شروع ڪري ڏني آهي: پوليس

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور شهر جي سانگهڙ روڊ المهراڻ ڪالڻ فيڪٽري وٽ ٻن موٽرسائيڪل تي سوار 6 هٿياربند ڦورن/ڏسو صفحو 3 بقايا 2

ڪوٽڙي ۾ پاڪستان نوجوان تحريڪ جو ٽينڪر مافيا خلاف ڌرڻو

ٽينڪر وارا پنهنجي مرضي جا اگهہ وصول ڪري رهيا آهن: عبدالستار لهر

انتظاميا صرف نالي ماتر بيان ڏئي ٿي جنهن جو اثر نٿو پوي عوام مجبور آهي:ايم علي مغيري

پاڻي جو مسئلو هلي ڪري متبادل رستو ڏئي عوام کي پاڻي سستو ڪري ڏنو وڃي:دودو ابڙو

ڪوٽڙي(رپورٽ عبدالخالق چانڊيو) ڪوٽڙي سائيٽ ايم سي هولهاڙي سميت سڄي ضلعي ۾ ٽينڪر /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ڪوٽڙي: پاڪستان نوجوان تحريڪ پاران ٽينڪر مافيا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

الحق فائونڊيشن اينڊ الزهره ميڊيڪل سينٽر مورو پاران 28 جنوري تي ٻن ڏينهن واري اکين جي ڪئمپ لڳائي ويندي

مورو (حاجي بادل زرداري)انسانيت جي پلاڻي بهتري ۽ خدمت لاءِ الحق فائونڊيشن اينڊ الزهره ميڊيڪل سينٽر مورو پاران مورو ۽ آسپاس جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

راڻيپور ۾ بسپ سينٽر سوپو ديرو منتقل، عورتون وظيفي کان محروم، ٻين شهرن جا پنڌ ڪرڻ تي مجبور

قسط جاري ٿيڻ بعد تعلقي جون هزارين عورتون وظيفي واري رقم وٺڻ لاءِ پريشان، شڪايتن جو تدارڪ نہ ٿيو

بسپ سينٽر جي منتقلي سبب شهر جو نقصان ٿي رهيو آهي، فيصلي مان مطمئن ناهيون: سياسي سماجي اڳواڻ

نوٽيس وٺي راڻيپور ۾ ٻيهر بسپ سينٽر بحال ڪري ڀرپاسي جي عورتن سهولت فراهم ڪري ڏني وڃي: مطالبو

راڻيپور(ماجد حسين ملاح) راڻي پور مان بينظير انڪم /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

شهدادپور شهر ۾ موٽرسائيڪل ڦر،مزاحمت تي مالڪ زخمي

جوابدارن فرمان خاصخيلي کي روڪي 72 هزار ڦر پڻ ڪيا

زخمي سمس اسپتال منتقل، واقعي جي جاچ ڪيون پيا: پوليس

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور جي بخاري پاڙي ۾ 4 نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربند ڦورن جي بنڪ مان پيسا /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

نصيرآباد: بئنڪ جو سيڪيورٽي گارڊ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ملير ۾ شر برادري جو ايس ايچ او ٽري خلاف احتجاج

ايس ايچ او ٽري ميرواهہ بااثرن جي چرچ تي حڙتو ڪيس پيو داخل ڪري:مجاهد حسين

ايس ايچ او ٽري کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي: امداد حسين شر

ملير (ڊ ر) ايس ايچ او ٽري ميرواهہ جي زيادتين خلاف شر برادري جو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي آڏو احتجاجي مظاهرو، بااثر ماڻهن جي چوٽ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 8

نوڪري تي بحال نہ ڪيو ويو تہ پاڻ کي باهہ ڏيندس، ڏميوار نيشنل بينڪ بادہ

جا عملدار هوندا: سيڪورٽي گارڊ جو چتاءُ

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽڳڙ) نيشل بئنڪ بادہ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

بيسڪ هيلٿ يونٽ سيئارجا تباهہ، دوائون اٽلي، غريب مريض پريشاني جو شڪار

سياري جي موسم ڪنگهہ، زڪام ۽ خارش جون بيماريون عام ٿي ويون، مريض دربدر

اسان غريب پيٽ پالڻ ۾ پورا آهيون، نجي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ جي سگهہ ناهي: شهري

بيسڪ هيلٿ ۾ ڪنهن بہ قسم جون سهولتون ميسر ناهن،صحت کاتي جون اختياريون نوٽيس وٺن

سيئارجا (اشفاق احمد شيخ) : سيئارجا ۾ هلندڙ پي پي ايچ آءُ جي تعاون سان بيسڪ هيلٿ يونٽ مڪمل طور تباهي جي ڪناري تي پهتل آهي ڪو سار لهڻ وارو ڪونهي جڏهن تہ سياري جي موسم ڪنگهہ، زڪام ۽ خارش جون/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

سيئارجا: بيسڪ يونٽ هيلٿ سينٽر جو ٻاهريون ڏيک

دادو ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻہ ڇڻا زخمي

گرلس ڪاليج روڊ تي فائرنگ ۾ آفتاب پنهور ۽ مزمل اوڊاڻو زخمي ٿيا

زخمين کي سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو،پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

دادو(ڊ ر) دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد گرلس /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

سيشن جج سانگهڙ ۾ پوليس پڪٽ تان پنجن باندين کي آزاد ڪرائڻ واري معاملي جي ٻڌڻي

ايس ايچ او شهدادپور سميت پڪٽ جي اهلڪارن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

سيشن عدالت ڪيس جي ٻڌڻي دوران ايس ايچ او ۽ اهلڪارن کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو هو

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) سيشن جج سانگهڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير ۾ بادہ ڊولپمينٽ سوسائٽي ۽ ساس شاخ پيري پاران صحافي ۽ برڪ عالم بيدار جعفري جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

بيدار جاکوڙي، صحافي، استاد ۽ سماج سيوڪ هيو،سندس خدمتون روشن باب آهن:منصور مغيري

ديدار عرف بيدار جعفري جو ڪو مٽ ئي نہ آهي(اصغر باغي) مرحوم جي زندگي جا سمورا ڪم قابل تحسين آهن:حنيف سومرو

تقريب دوران سنڌ جي ناماري شاعر شبير لاکو پٽائي جي وائي پيش ڪئي، تنبوري نواز پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو

ملير (ڊ ر) سنڌ جي ناماري اديب، تعليمدان، صحافي ۽ برڪ عالم بيدار جعفري جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو بادہ ڊولپمينٽ سوسائٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ پيري ۽ گلشن حديد پاران ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير ويو تعزيتي/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ملير: اديب، تعليمدان، صحافي ۽ برڪ عالم بيدار جعفري جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سم پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر _آر تاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي